معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

مارچ - ١٩٧٣ع

سنڌيه مسلم ڪالج جي لائبريري
ڪتاب نمبر 66

سال: ٤ نمبر: ٣

ايڊيٽر
طارق اشرف

قيمت: ٢-٥٠

سال لاءِ: ٢٠-٠٠



سهڻي پبلشرس
الهندو ڪڇو
حيدرآباد، سنڌ.

SOHNI PUBLISHERS
F/45-750 WEST KUTCHA
HYDERABAD. SIND.

# پنهنجي طرفان ....

## سر ويچن جو ڏينهن

▲ ٤- مارچ جو ڏينهن وري آيو آهي.
▲ ٤- مارچ سنڌ جي جوڌن جو ڏينهن آهي.
▲ ٤- مارچ جيئي سنڌ تحريڪ جو جنم ڏينهن آهي.
▲ ٤- مارچ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هڪ عظيم ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن هڪ پاسي ڪجهه سنڌي شاگرد هئا، ۽ ٻئي طرف آمر ۽ جابر جي سپاهه. سنڌي جوڌا ٺلهين هٿين هئا، ۽ آمر جو ڇاڙتو پنجن ضلعن جي هٿيارن سان ليس پوليس سان گڏ. سنڌي سپوتن کي خبر هئي ته اهو ڏينهن اچڻو آهي، انهن کي آمر جي ڇاڙتي سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو. ته به هو هٿين خالي هئا. پر هنن ڇاتو ٿي، ته سوڀ سدائين حق جي ٿيندي آهي، پوءِ ڇاهي وقتي طور آها شڪست پسجڻ ۾ اچي.
▲ ٤- مارچ جي ڏينهن جيڪا تحريڪ سنڌي شاگردن شروع ڪئي هئي، اِها تحريڪ تيستائين قائم رهندي، جيستائين سنڌ جي ڌرتيءَ ڪي، سنڌ جي اصلي وارثن کي سندن حق نه ملندا. ٤- مارچ تي، اِنهيءَ تحريڪ ۾ سيئي سنڌي شاگرد ۽ شاگرد اڳواڻ هڪ پليٽ فارم تي گڏ هئا، ۽ هاڻ جيتوڻيڪ ٽڙي پکڙي ويا آهن، ته به، هر ڪو، هرهڪ، جدا جدا، سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙي پيو.
▲ ٤- مارچ تي سنڌي شاگردن - جوڌن - جوانن پنهنجي ٻـڌي، همت ۽ طاقت جو جيڪو مظاهرو ڪيو هو، شايد ئي اهڙو ڪٿي ٿيو هجي. انهن اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ناحق- ناانصافي- حق تلفي ڏسي خاموش نه رهبو. خاموش نه رهبو ۽ ٻاهر نڪري اچبو. ٻاهر اچبو ۽ پوري طاقت سان نڪربو ۽ جڏهن اهڙا فيصلا ڪيا آهن، ته سختيون برداشت ڪرڻيون ئي پونديون. اهڙا موقعن تي ٻڌي - همت - طاقت کي ٽوڙڻ جون سوين ڪوششون ٿينديون آهن. ٤ - مارچ جي جوڌن جي ٻڌي، همت ۽ طاقت ٽوڙڻ لاءِ به سوين جتن ڪيا ويا، ڪين لالچ ڏنو ويو، دڙڪا ڏنا ويا، دٻپ ڏنو ويو- پر سنڌي جوڌن

جي آهي، تہ ڇا سچي سنڌ ۾ ڪوبہ اهڙو لائق ماڻهو ڪونهي، جيڪو گورنر ٿي سگهي. سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ انهي جا مقامي ماڻهو گورنر آهن، پر سنڌ ۾ گورنر سنڌي ڪونہ ٿو ملي! ڇا اسين اهو سمجهون تہ پولي واري هنگامن دوران صدر ڀٽي اردو بازن جا جيڪي مطالبا مڃيا هئا، اهي سڀئي، آهستي آهستي پورا ڪجن پيا. اردو بازن مطالبا ڪيا هئا: (١) بشير احمد صديقيءَ جي ڪراچيءَ مان بدلي ڪئي وڃي- سندس بدلي ٿي وئي. (٢) سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن ۾ اردو باز ميمبر ڪنيو وڃي- اردو باز ميمبر ڪنيو ويو. (٣) گورنر اردو باز ڪنيو وڃي- گورنر اردو باز ڪنيو ويو.

▲ سنڌي عوام سوچي پيو، ديس اسانجو، اڪثريت ۾ اسين، ووٽ اسان ڏنا ۽ مطالبا سڀ اردو بازن جا مڃيا ويا!

## عوامي حڪومت ۽ ڪي فيصلا

▲ موجوده حڪومت جو چوڻ آهي تہ: هيءَ عوامي حڪومت آهي، اسين عوام جا نمائندا آهيون. عوام اسانکي ووٽ ڏنا آهن. پر موجوده حڪومت جيڪي وزير کنيا آهن، ڇا اهي سڀ عوام جا نمائندا آهن؟ ڇا انهن سڀني کي عوام ووٽ ڏنا آهن، جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ ڇو جي- اي- رحيم، ڪمال اظفر ۽ ڪئپر کي وزير ڪيو ويو آهي، اهي عوام جا نمائندا نہ آهن. اهي عوام جي نمائندگيءَ جي دعوا ڪيئن ٿا ڪري سگهن.

▲ اهي افواهہ بہ ٻڌڻ ۾ آيا آهن تہ عوامي حڪومت در محمد اُوستي کي وزراعت تان هٽائي رهي آهي. در محمد اُوستي جي هٽائڻ سان سڀني کي خوشي ٿيندي، پر ساڳئي وقت افواهہ اِهو بہ آهي تہ قاضي اڪبر کي وزير ڪري کنيو ٿو وڃي. قاضي اڪبر جي لاءِ صدر ڀٽي، حيدرآباد ۾ (رمضان جي مهني ۾ جمعتہ الوداع جي ڏينهن) عام جلسي ۾ چيو هو تہ: 'هيءُ (قاضي اڪبر) اهڙو گندو شخص آهي، جو مان هن سڳوري ڏينهن تي سندس نالو بہ زبان تي آڻڻ نٿو چاهيان.' جنهن شخص کي ڀٽي صاحب ايترو گندو ٿي سمجهيو، هاڻ اوچتو اِهو شخص ايترو سٺو ڪيئن ٿي ويو جو وزير ڪري ڪڍجي پيو. انهيءَ کان اڳ ڀٽي صاحب، پير علي محمد راشديءَ تي بہ گهڻا الزام هنيا هئا، ۽

بند رهي ٿو.

▲ ڪڏهن اسان انهيءَ جي ڪارڻن تي به سوچيو آهي؟ اسان ۾ اتحاد ڪونهي. اسين رڳو ڳالهيون ڪرڻ وارا آهيون. اسين رڳو ٺلهو پاڻ ۾ ٺي وڙهڻ چاهيون. اسانکي پوريءَ ريت نه اسانجي مسئلن جي ڄاڻ آهي، ۽ نه ئي مسئلن کي حل ڪرڻ جو پتو اٿئون. ڌاريان ڪوڙ تي به گڏ ٿيو وڃن، پر اسين سچ تي به گڏ نٿا ٿيون. ڇاڪاڻ ته اسان ۾ اتحاد ڪونهي. ۽ جيستائين اسان ۾ اتحاد پيدا نه ٿيندو، ڌاريان اسانجي ڪمزورين مان، اسانجي نااتفاقين مان ناجائز فائدا وٺندا رهندا.

▲ اسانجي ڪن ساٿين جي حالت اها آهي ته سنڌ جي دشمن 'مودودي جماعت' ۽ سنڌ ڇاڙتن جو طرف فقط انهيءَ ڪري وٺي ويهي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته 'سهڻي' مودودي جماعت خلاف لکيو آهي. اهڙين حماقتن مان اسانجا دشمن ڇو نه فائدا حاصل ڪن.

▲ ۴- مارچ ١٩٦٧ع تي اسانجي سنڌي تحريڪ انهيءَ ڪري ڪامياب ٿي، جو پاڻ ۾ اتحاد هو. تنهنڪري ئي ايوب جهڙي امر ۽ مسرور جهڙي جابر کي ڏڙي ڇڏيائون. ڪاش وري ۴- مارچ وارا جوڌا ڄمن. اسانکي هر دور ۾ ۴- مارچ جي جوڌن جي ضرورت آهي. اسانکي ضرورت آهي يوسف لغاريءَ جي. هڪڙي يوسف مان ڪجهه نه ٿيندو، هتي هرهڪ کي يوسف ٿيڻو پوندو.

**يوسف لغاريءَ کي سلام**
**يوسف لغاري جيئي — سدا جيئي**

**— طارق اشرف**

## گذارش

▲ ناصر (بوراڻي) جو نالو سنڌيءَ جي ترقي پسند ليکڪن ۾ وڏي اهميت ٿو رکي. جيتوڻيڪ هن ڪافي وقت کان لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر هن سنڌ ۽ سنڌي زبان لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، سي وسارڻ جوڳيون نه آهن. ناصر گهڻي عرصي تائين سنڌيءَ جي انقلابي مخزن 'روح رهاڻ' جو ساٿي ايڊيٽر رهيو آهي. ونيونٽ ٽوڙائڻ ۽ فوجي آمر ايوب جي خلاف هلايل تحريڪ ۾ اڳيان اڳيان رهيو آهي. اهي ماڻهو، جن ايوب زنده باد جا نعرا ٿي هنيا، اڄ اهي وڏا عهدا پيا مائين، پر ناصر پنهنجو جائز حق به وڃائي ويٺو. ناصر کي سپرنٽنڊنٽ جيل جي عهدي لاءِ، ٣١- آگسٽ ١٩٧١ع تي، سنڌ- بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن چونڊيو، جنهن ۾ هن پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. ٤- سيپٽمبر ١٩٧١ع تي محمد عثمان بلوچ، جيڪو انهيءَ وقت عارضيءَ طرح سينٽرل جيل سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ هو، تنهن سول ڪورٽ ۾ دعوا داخل ڪري، ١٤- سيپٽمبر تي عارضي منع نامو حاصل ڪيو، پر ناصر ان دعوا ۾ هڪ ڊر بنجي منع نامو رد ڪرايو. پر ڳالهه اتي پوري نه ٿي. انهيءَ وقت جي سيڪشن آفيسر ناصر کان پندرهن هزار رپيا رشوت گهري، جيڪا ناصر ڏيئي نه سگهيو. تنهنڪانپوءِ ان آفيسر ۽ جيل کاتي جي ٻين ڪلاس ٽو آفيسرن، ناصر جي خلاف ڪوڙيون رپورٽون ٺهرايون. جنهن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته: ناصر تي دفعا جو سزا يافته (ڪنهن ڏوهه ۾) آهي. جنگ جي زماني ۾ ملڪ جي سلامتي خلاف سرگرمين ۾ مصروف رهيو آهي. ۽ نعپ جو اڳواڻ آهي.

▲ ناصر تي مڙهيل مٿيان بهتان بنهه ڪوڙا آهن. ناصر جو ڪنهن ڏوهه ۾ سزايافته ٿيڻ ته پري رهيو، پر هو ڪڏهن گرفتار به نه ٿيو آهي. ۽ جيڪڏهن جنگ جي ڏينهن ۾ ملڪ خلاف سرگرمين ۾ حصو ورتائين ته پوءِ کيس گرفتار ڇو ڪونه ڪيو ويو؟ ناصر، سياسي ته ٺهيو پر ڪنهن ادبي جماعت جو ميمبر به ڪونهي.

▲ اسين موجوده حڪومت کي درخواست ڪريون ٿا ته سنڌ جي هن ترقي پسند اديب سان انصاف ڪيو وڃي.

— طارق اشرف

# پروفيسر حسن علي عبدالرحمان

مارچ ١٩٦٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر -



## پيغام

چوٿين مارچ سنڌ جو قومي ڏينهن آهي. هي ڏينهن ايوبي آمريت ۽ انجي ڪاموري شاهي خلاف، سنڌ جي آزادي پسند جوان جمهوري قوتن جي جدوجهد جي علامت آهي. هن جدوجهد جو سهرو سنڌ جي ڳاڙهن ڳٽولن شاگردن جي سر تي سونهين ٿو، جن ڪري ٻاٽ ۾ ڳڙهي رت جي لاٽ سان آزادي ۽ جمهوريت جو ڏيک ڳولي لڌو هو. هيءُ اهو وقت هو، جڏهن فوجي ڊڪٽيٽرشپ خلاف ڳالهائڻ ته پري رهيو، پر ڪو ماڻهو سوچي نه سگهندو هو. اهڙي ڊڪر ٻوس ۾ سنڌ جي شاگرد- انقلابي قوتن اوچي ڳاٽ سيني تي گولي سهائي ميدان ۾ نڪري پاڻ ملهايو ۽ ون يونٽ جون پاڙون ڪوٽيون. منهنجيون نيڪ تمنائون سدائين چوٿين مارچ جي سپوتن سان آهن.

**—حسن علي عبدالرحمان**



(مرحوم) محمد ميمڻ

وڪيل

جنهن ٤- مارچ تحريڪ ۾، جيل ۾ ويل سنڌي شاگردن جو نہ فقط مقدمو وڙهيو، پر سنڌي شاگردن جي هڙؤن ۾ وڙائون ۾ پوريءَ ريت مدد ڪئي



رحيم سھتو 'مجاھد'

۴- مارچ تحريڪ جو مشھور
جوڌو



محمد يوسف ميمڻ

۴- مارچ ۱۹٦۷ع تي جيل ويل
شاگردن ۾ ھيءُ به ھڪ ھو



۳- مارچ ۱۹٦۷ تي، ون يونٽ بلڊنگ ۾، ڪمشنر مسرور
(مسرور ڪتو) جي آفيس ٻاھران يونيورسٽي جي شاگردن
جو ڪيل مظاھرو

چٽي ڪتي جو موت
ڪسوٽي

# ڪهاڻيون

آمر جليل
نجم عباسي

آمر جليل

# چتي ڪتي جو موت

(شهمير ڪي چتو ڪتو ماريو آهي. چتي ڪتي مسجد ۾ پناهه ورتي آهي. شهمير جي هٿ ۾ بندوق آهي، چتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ مسجد جو ملان اچي بيٺو آهي. شهمير کي فيصلو ڪرڻو آهي، ته چتي ڪتي کي مارڻ کان اڳ ملان کي ماري، يا ملان کي جيئرو رکڻ لاءِ چتي ڪتي کي جيئدان ڏيئي! شهمير جيستائين ڪنهن فيصلي تي پهچي، مان توهانکي اڄ شام جي واقعن جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيان.)

سانجهيءَ ڌاري شهر تي ڌند جو ڪوهيڙو لهي آيو. خاموشي ڇانئجي ويئي. پوءِ اوچتو، اول اڌچتا، ۽ پوءِ چٽا آواز، رڙيون، ڪيڪون ۽ گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ آيو. مان پنهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ وڃي بيٺس. ٻاهر نهاريم. ڌند سبب ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو.

پٺيان در کڙڪڻ جو آواز آيو. بالڪونيءَ مان موٽي وڃي ٻاهريون در کوليو. ماستر دائم جو ستن سالن جو پٽ قائم بيٺو هو. سهڪي رهيو هو. منهن مان وحشت ظاهر ٿي رهي هئس. وچڙندڙ آواز ۾ چيائين، ”ادا، ڪالو ڪتو چتو ٿي پيو آهي.“

”ڪالو ڪتو چتو ٿي پيو آهي!“

”ها ادا.“

”ڪڏهن کان؟“

”شام کان.“

ان وقت مونکي يوسف جي ڳالهه ياد آئي. هن ڪجهه ڏينهن اڳ چيو هو ته پنهنجي پاڙي جي مسجد پرسان پلجندڙ ڪالو ڪتو چتي ٿيڻ جا آثار پيو ڏيکاري. مون يوسف جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو هو.

قائم ايلاز ڪندي چيو، ”.ونڪي گهر ڇڏي اچ، ادا.“
”هن وقت تنهنجو هيٺ لهڻ چڱو ناهي، قائم.“ يوسف چيو، ”ڇتو ڪتو احسان فراموش هوندو آهي. پنهنجي محسن کي نه سڃاڻان اول ڪائيندو آهي. تنهنڪري تنهنجو هيٺ لهڻ ٺيڪ ناهي، قائم.“

مون يوسف کي چيو، ”اسانکي ڪالوءَ جي باري ۾ جلد ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي.“

ڪجهه دير سوچڻ کانپوءِ يوسف چيو، ”مان پاڙي جا چار چڱا مڙس وٺي ٿو اچان.“

”پاڙيوارن جو ڇا وڃي!“

”سموري پاڙي وارن ڪالو ڪتي کي پاليو آهي. تنهنڪري ڪالو ڪتي جي باري ۾ جيڪو به فيصلو ڪبو، سو پاڙيوارن جي رايي مطابق هوندو.“ يوسف جواب ڏيئي پاڙي جي چڱن مڙسن کي سڏڻ لاءِ هليو ويو.

قائم کي اٿڻ ٿي پيئي. چيائين، ”توهين ڪالو ڪتي کي ڇا ڪندا، ادا؟“

وراڻيم، شايد منسپالٽيءَ جي حوالي ڪيونس.“

”توهين ڪالوءَ کي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪندا!“

”گهڻو ڪري.“

قائم جي منهن مان پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. چيائين، ”ڪالوءَ کي منسپالٽيءَ جي حوالي نه ڪجو. هو ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن.“

”دنيا جي سمورن ملڪن ۾ ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن.“ چيم، ”مان سمجهان ٿو، چڱا مڙس ڪالوءَ کي مارائڻ لاءِ منسپالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ جي رٿ ڏيندا.“

قائم جو منهن لهي ويو.

يوسف موٽي آيو. پاڻ سان پاڙي جا چار- پنج چڱا مڙس وٺي آيو. انهن ۾ ماستر دائم به هو. پنهنجي پٽ قائم کي ڏسي دائم خوش ٿيو. ڪٿي گهراٽڙيءَ ۾ قابو ڪيائينس.

قائم پيءُ کي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهندي چيو، ”بابا،

ڪالوءَ کي منسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. منسپالٽيءَ وارا ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن."

مون قائم کي پيار ڪندي چيو، "مان بہ جڏهن تو جيترو ننڍڙو هوس، تڏهن ڇتن ڪتن تي ڪهل ڪندو هوس، پر پوءِ، جڏهن جوان ٿي تاريخ جو مطالعو ڪيم، تڏهن محسوس ڪيم تہ ڇتي ڪتي کي مارڻ لازمي هوندو آهي. ڇتي ڪتي کي نہ مارڻ قومن لاءِ تاريخي سانحو ثابت ٿيندو آهي. تنهنڪري مان ۽ يوسف ڪالو ڪتي کي مارڻ يا مارائڻ جي حق ۾ آهيون."

منهنجي ڳالهہ جو قائم تي ذرڙو ڪن اثر ٿيو. هن پيءَ جي ڳچيءَ مان ٻانهون ڪڍي ڇڏيون.

يوسف سيٺي کي مخاطب ٿيندي چيو، "توهان سيٺي کي خبر هوندي، تہ ڪالو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي. هن شام کان ٿن - چئن ٻارڙن، ڪريم، خانوند، ابراهيم مستري ۽ ڏٽي بخش کي چڪ هنيا آهن."

آواز آيو، "اسانکي ان ڳالهہ جو افسوس آهي."

سيٺي جو ڌيان ڳالهائيندڙ ڏانهن ڇڪجي ويو. هو پاڙي جو سماجي ڪارڪن عبدالله هو. مانجهو مُنجهائڻ سندس ڌنڌو هو. پاڻکي امن جو ٺيڪيدار سمجهندو هو. يوسف، شهمير، اقبال ۽ منهنجي باري ۾ بدظن هو. چوندو هو، هي شاگردن جو لڏو هڪڙي ڏينهن ممڻ مچائيندو.

يوسف گهور وجهي عبدالله ڏانهن نهاريو. چيائين، "اسان تي الزام آهي، تہ اسين باغي شاگردن جو لڏو آهيون. اسين پنهنجي ساءِ بہ ڪالو ڪتي کي ماري ڇڏيون ها، پر توهان وڏن کي آگاهہ ڪرڻ، ۽ صلاح مشورو ڪرڻ ضروري سمجهيوسين، تنهنڪري توهانکي تڪليف ڏيڻي هئي ونئي آيا آهيون. مان هڪ ڳالهہ بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو، تہ اسين ڪالو ڪتي کي مارڻ لاءِ مشورو ڪرڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون. افسوس ظاهر ڪرڻ لاءِ نہ."

سماجي ڪارڪن عبدالله چيو، "مون ڪتي ڪاڌلن کي ترت سول اسپتال پهچائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تازن

ڪاڏان ڪي به بنا دير جي اسپتال پهچايو ويندو. توهين فڪر نه ڪريو."

يوسف ٻاهر ٽي ويو. تمام ڪهري لهجي ۾ چيائين، "اسانکي اهو فيصلو ڪرڻو آهي، ته ڪالوءَ کي ڇا ڪيو وڃي."

"ڪالوءَ جي باري ۾ ڪوبه جذباتي فيصلو نه ڪيو وڃي."

رٽائرڊ ٽيل پوڙهي مختيارڪار چيو، "جذباتي فيصلا هميشه نقصانڪار هوندا آهن."

"توهين مختيارڪار رهي چڪا آهيو، تنهنڪري اجايو پيا ڳالهايو." اقبال جو آواز آيو. هو در وٽ بيٺو هو. هٿ ۾ هاڪي هئس. چيائين، "ڪالوءَ جي باري ۾ جيڪو به فيصلو ڪيو وڃي، سو جلد ڪيو وڃي."

چڱن مڙسن ۾ هڪ هيڊ ڪلارڪ به هو. هو سنهڙو، ڊگهو، ۽ پهساجي مناري وانگر هڪ طرف جهڪيل هو. هن چيو، "ڪالوءَ جي باري ۾ ڪوبه فيصلو ڪرڻ کان اڳ، اسانکي ڪالوءَ جو ڪانفيڊينشل فائيل ڏسڻو پوندو."

مون گهڻو وجهي يوسف ڏانهن ڏٺو.

عبدالله چيو، "سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ مان اها صلاح ڏيان ٿو، ته اسين هڪ وفد وٺي ڪالوءَ کي سمجهائڻ لاءِ هلون."

"بڪواس."

آواز تي سڀني ڪنڌ ڦيرائي پوئتي نهاريو. اقبال جي پرسان شهمير بيٺو هو— قداور، جاڏو، ۽ گنڀير. هنجي هٿ ۾ رائيفل هئي.

شهمير چيو، "اسين ڪالو ڪتي کي ماري ڇڏينداسين."

"اهو جذباتي فيصلو آهي." پوڙهي رٽائرڊ ٽيل مختيارڪار چيو، "اهو فيصلو ٺيڪ ناهي."

"توهانجو رايو به توهان وانگر رٽائرڊ ٿيل آهي، مختيارڪار صاحب." اقبال چيو، "اسانجو وقت خراب نه ڪريو."

سماج سڌارڪ عبدالله چيو، "منهنجو خيال آهي، اسين ڪالوءَ جي ننڍڙين ننڍڙين غلطين کي نظرانداز ڪري ڇڏيون."

ني لڏي، لڏندڙ انداز پيدا ڪري رهيا.

پر هينئر اوچتو ئي اوچتو موسم ۾ ڦيرو اچي ويو هو. هوا صفا بيهي وئي هئي، جڻ ته ان به هڙتال ڪئي هئي، اس ۾ تيک تي ويو هو ۽ گرمي بي انت تي وئي هئي. گلن جو جهولڻ بند ٿي ويو، تيز روشنيءَ ڪري انهن جا رنگ هلڪا ٿي ويا، ۽ تيز ڪرڻن ڪري، انهن تي نظر به ٽڪي نٿي سگهي، ۽ اُس جي ڪري گُل سست سست ۽ مرجهايل مرجهايل ٿي ڏٺا.

ماڻهن جا جسم پگهرجي ويا، ۽ پگهر ڪراچيءَ جي گهميل هوا ۾ سُڪي به مشڪل. اڳواڻن سان وڏيڪ ويڙن هئي، ڇو ته هو سوڙها پائجاما ۽ شيروانيون پائي آيا هئا. وري وايو منڊل ۾ ڏامر جي دونهين جي اڻ وڻندڙ ۽ ساهه گهٽيندڙ ڌَپَ اچي واسو ڪيو. پرسان ئي رستي جي مرمت پئي ٿي، جتي ڏامر گرم ڪيو ٿي ويو.

جي مڪر ۽ منافقت، نمڪحرامي ۽ نالائقيءَ جي عملن ۽ خيالن جو به دونهون نڪرندو هجي ها ته اهو به ڏامر جي دونهين جهڙو هجي ها. ڪنو ۽ ڪارو، گهاٽو ۽ گهُٽيندڙ، ڌڪاريل ۽ ڌَپَ وارو.

سچ جي تپش موسم جي خوشگواري ڳڙڪائي وئي هئي، ۽ هُل هنگامون ۽ پان فضا جو سڪون ۽ گلن ۽ ٻوٽن جي سونهن ڳڙڪائي ويا هئا. پان انڪري، جو پان کائيندڙن جو وات، زبان ۽ چپَ ڳاڙهسري ڪاري رنگ جا ٿي ويا هئا، هنن جي وات مان انهيءَ رنگ جي گِگَ ڳڙي رهي هئي، ۽ هو نهايت ٻچان ڏيارينڊڙ چاپا ڏيئي رهيا هئا، ۽ وري هر هر ٿوڪدانن ۾ ٿوڪي رهيا هئا. پيا وري پان جون پڪون ڇپر، سيمنٽ جي فرش ۽ اڱڻ واري پٽ تي اڇلي رهيا هئا، جنهنڪري فرش ۽ پٽ، جي صبح جو صاف ۽ اُجلا هئا، سي هينئر پان جي ڪنهي رت جي رنگ جهڙن داغن سان گندا ٿي ويا هئا. ڇپر تي به پان جي پڪن ۽ سگريٽ جي ٽڪرن جو ڪچرو هو.

اج آباد شاميانې جي مقابلي ۾، آفيس جي اوچي ۽ شاندار

عمارت، ويران ۽ واڻڻي نظر اچي رهي هئي.

ايندڙن مان ڪجھ ماڻهو گلن جا هار پاڻ سان آڻين ٿا، ۽ هر هڪ هڙتاليءَ جي گلي ۾ وجهن ٿا، ۽ هنن کي پنهنجي حقن لاءِ ’جهاد‘ ڪرڻ تي مبارڪون ڏين ٿا. ڪي نارنگيون آڻين ٿا ۽ اهي پيش ڪن ٿا، ڇو ته هڙتال جي حالت ۾ نارنگين جي رس واپرائي سگهجي ٿي. ڪي سرمائيدار ۽ سرنديءَ وارا، رحم کائي، هنن کي روڪڙ ڏين ٿا، ۽ اهڙو اعلان زور سان ڪيو وڃي ٿو، جئن سڀئي موجود ماڻهو ٻڌن ۽ ڏسن.

سياستدان، حڪومت تي ٽيڪا ٽپڻي ڪن ٿا، ان جي نيتين کي نندين ٿا، ۽ ان جي بيحسي ۽ بي انصافيءَ تي افسوس جو اظهار ڪن ٿا، ۽ پڇاڙيءَ ۾ حڪومت خلاف هلچل هلائڻ جي ڌمڪي ڏين ٿا. هو اهو به اعلان ڪن ٿا ته ٻئي ڏينهن تي شهر جي وڏي ميدان ۾ عام جلسو ٿيندو ۽ ڊائريڪٽر جي پاسخاطري ۽ تعصب تي احتجاج ڪيو ويندو.

اخبارن جا خاطو، هتي جو ڪجھ ٿي رهيو آهي، ان جا نوٽ وٺندا رهن ٿا ۽ نامور سياستدانن جا بيان وٺي لکن ٿا. اخبارن جا فوٽو گرافر، ميڙ جي ڪارروائي ۽ ايندڙ ويندڙ مکيه راڄنيتي شخصيتن جون تصويرون ڪڍن ٿا.

رکي رکي ماڻهو نعرا هڻن ٿا:

”سنڌي ڊائريڪٽر.“ — ”مرده باد.“

”سنڌي ڊائريڪٽر.“ — ”واپس وڃ.“

”سنڌي ڊائريڪٽر.“ — ”هاءِ، هاءِ.“

”صوبي پرستي.“ — ”نه هلندي، نه هلندي.“

”ڏاهر جا چيلا.“ — ”نه کپن، نه کپن.“

ٻئي ڏينهن هنن جي پنهنجي ٻوليءَ جي سڀني اخبارن ۾، هڙتال جي روئداد، پوري تفصيل ۽ وڏاءَ سان ڇپي ۽ هڙتالين جا فوٽا به ڏنا ويا. انهن سياسي اڳواڻن ۽ مولوين جون به تصويرون ڇاپيون ويون، جي هڙتالين سان گڏ ڪيدرايون ويون هيون. هنن جا بيان به شدمد سان شايع ڪيا ويا.

ان ڪري ته هر کاتي ۽ حياتيءَ جي هر شعبي ۾ رکو غير سنڌي نه هجن، پر سنڌي پڻ.

چئن سنڌين کي اهي نوڪريون ملڻ ڪانپوءِ، غير سنڌين، اميدوارن مان اهڙا چار غير سنڌي چونڊيا جي سنڌن ويچار موجب انهن نوڪرين جا اصلي حقدار هئا، ۽ انهن کي بک هڙتال ڪرڻ تي تيار ڪيو ويو.

اهو هو هن بک هڙتال جو سبب.

ٻئي ڏينهن آفيس جي ساري عملي، هڙتالين جي همدرديءَ ۾ هڙتال ڪئي، ۽ ڪم تي ڪونه چڙهيا.

ٽئين ڏينهن، هن ساري عملي، سنڌي ڊائريڪٽر جو گهيرو ڪيو. گهيري جو مقصد اهو هو ته هن کان زور زبردستيءَ سان، انهن چئن سنڌي ڪلارڪن کي نوڪريءَ مان ڪيرايو وڃي ۽ پنهنجن چئن ماڻهن کي مقرر ڪرايو وڃي، جي هو ائين نه ڪري ته هنڪان پنهنجي استعيفا لکرائي وڃي.

هيءُ سڀ غير سنڌي، ماڪڙ وانگر، ڊائريڪٽر جي آفيس تي هلان ڪري آيا. جي پنج ڇهه سنڌي ڪلارڪ ۽ ٻه سنڌي پٽيوالا بروقت همت نه ڪن ها، ۽ ڊائريڪٽر جي آفيس جي مضبوط دروازي کي اندران بند ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿين ها، ته ڊائريڪٽر جي حياتيءَ جو خير ڪونه هو. انهيءَ چڪتاڻ ۾ ست ڇهه سنڌي بريءَ طرح ڦٽجي پيا، ۽ هو ڊائريڪٽر سميت آفيس ۾ واڙيل رهيا.

ٻاهران غير سنڌي، سنڌ ۽ سنڌين کي گاريون ڏيندا، غليظ نعرا هڻندا ۽ پٿر اڇلائيندا رهيا، ۽ آفيس جي درن درين، ميزن ڪرسين ۽ ٻئي سامان جي ڏاڍي پيچ ڊاهه ڪئي. ڊيوٽيءَ وارن سپاهين کي ته پٿرن جو نشانو بنايو ويو. نيٺ پوليس اچي، ڳوڙها گيس ۽ لٺيون هلائي اندر واڙيلن جي حياتي بچائي.

٢

”ڏاڍو خوش پيو نظر اچين، وري ڪو محبوبن جي ملاقات جو

واعدو مليو اٿئي ڇا؟"

"اهو ٿي ته توکي ٻڌائڻ آيو آهيان."

"يار، تنهنجي ڀاڳن سان ريس ٿي ڪونهي، عيش ڪر عيش."

"ڇگو جلدي تيار ٿي ته هلي ڪنهن هوٽل ۾ وهون ۽ پرين جون ڳچارون ڪريون."

"ڀلا ڏي خبر، ڪڏهن جو واعدو ٿيو اٿئي؟"

"اڄ ٽيليفون تي چيائين ته جمعي ڏينهن شام جو پنجين وڳي سنڌن ڪاليج ۾ يونين جي عهديدارڻين ۽ اسٽاف جي ڪن ميمبرياڻين جي گڏجاڻي آهي، ساليانين راندين جي سلسلي ۾ پروگرام ناهڻو اٿن. بس سادي پنجين وڳي مونکي موٽر ۾ وچي مخصوص نموني هارن وڄائڻو آهي ۽ پوءِ پاڻهي منهنجي ڊارلنگ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌجي ٻاهر هلي ايندي ۽ اسين ٻه چار ڪلاڪ محبت جي دنيا ۾ گم ٿي ويندا سين."

"هائو يار، انکي چئبو آهي خود حسن جو هلي اچي عشق جي هنج ۾ ڪرڻ."

"بس يار، تو جهڙن دوستن جون دعائون آهن."

"مونکي ته هوءَ سالي رُخ ئي ڪونه ٿي ڏئي. دل جي زخمن ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي، يار، تون ئي پنهنجي بلقيس کي چؤ ته ڪا منهنجي سفارش ڪري."

"بلقيس کي ڪيترائي دفعا چيو اٿم، هوءَ چوي ٿي ته تو واري ڪلوپيٽرا ڏاڍي ڪٽڙڪ آهي، ڪو ٻُل ئي ڪونه ٿي ڏئي. وري ٻه رَڪَ خدا تي، اچي ويندي ڪنهن ڪڙي ۾."

"هاءِ هاءِ. منهنجو دم ٽو نڪري ۽ تون اڃا پيو انتظار جون صلاحون ڏئين."

"اڙي، اهو وچ ۾ ٿي ٻڌائي ڇڏيانءِ، متان وسري وڃيم، جمعي ڏينهن اسانجي وصل واسطي پنهنجي جڳهه پنجين وڳي شام کان اٺين وڳي تائين اسان لاءِ رزرو رکجانءِ. يار، تنهنجي جاءِ ڏاڍو ڪم ڏنو آهي. اسان واسطي ته پريم نگر آهي پريم نگر."

"ها، اٺين ته ضرور ٿيندو، پر ترس، مون پنهنجي حسرتن

پوري ڪرڻ لاءِ هڪڙي ترڪيب سوچي آهي. مان هن موقعي کي هٿان وڃائڻ نٿو چاهيان.... منهنجي ڪلوپٽرا به ته ان گرلس ڪاليج جي يونين جي عهديدارڻ آهي ۽ لازمي طور اها به ان گڏجاڻيءَ ۾ موجود هوندي."

لياقت علي ۽ ماجد ٻئي لنگوٽيا يار هئا. لياقت جو ڪجھ وقت کان، بلقيس سان نينهن جو ناتو هو. ماجد وري ان ڪاليج جي هڪ ٻي شاگردياڻيءَ تي هرک هاري هئي. ڏاڍو هنجي پٺيان پيو هو ۽ هنکي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جا جتن ڪيا هئائين، پر هن ڪنگھيو به ڪونه هوس. لياقت جي اچوڪي ڳالھ ٻڌي هنکي وري پنهنجون حسرتون پوريون ڪرڻ جو سوداءُ سمائجڻ لڳو.

خبر ناهي ماجد ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي يا ترڪيب هلائي جو هنجا پندرهن ويهه هم ڪاليجي هڪ سازش ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ڪي ساڀيان ۽ ڪي روشني خاطر. هونءَ به ان گرلس ڪاليج جي ڇوڪرين جي حسن جي هاڪ سڄي ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ هئي. هن ڪاليج جو رکو نالو ٻڌڻ سان ئي نوجوان ڪاليجن جو وات پاڻي ٿيڻ لڳندو هو. اها به سيني کي سڌ هئي ته ان گرلس ڪاليج جي يونين جون عهديدارڻيون ته خاص حسن جي کاڻ ۽ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

هنن جو خيال هو ته هنکي پڪڙجي پوڻ جو يا ٻيو ڪنهن به قسم جو انديشو ڪونهي. ان گرلس ڪاليج جي آسپاس آفيسون آهن، جي انوقت بند هونديون ۽ ڪابه پهر ڪانه هوندي. ٻيو ته ڪاليج جي چوديواري اوچي آهي، تنهنڪري ٻاهر وارن کي اهو پتو ڪونه پوندو ته اندر ڇا پيو وهي واپري. ان ڪانسواءِ، ڇوڪريون به اسان وانگر نوجوان ۽ امنگن سان ڀرپور آهن، تنهنڪري ههڙي رومانوي اڊوينچر جي دل سان آجيان ڪنديون ۽ ٿوري گهڻي ظاهري ڇڪتاڻ ڪانپوءِ پاڌهي اچي، ٻکن ۾ پونديون. باقي پوڙهيون پروفيسرياڻيون، تنکي به جوانيءَ جا عيش ڏئي راضي ڪري ڇڏبو. پر جي حالتون اهڙيون بڻيون جو پڇتو پيو ته پوءِ رستي تي موٽرون

۽ ڀاڪرن ۾ جڪڙجي ويون. هو بي تحاشا هنن کي چمڻ لڳا، ڳلن تي، چپن تي، اکين تي، ڇاتين جي مٿين ڪليل حصن تي.

هنن جا هٿ ڪپڙن هٽائڻ ۾ لڳي ويا. چولن جا بيڙا ٽٽندا ويا، زِپ ۽ زنجيرون هٽنديون ويون، انگيائيون لهنديون ويون ۽ ڇاتيون اگهاڙيون ٿينديون ويون.... اڇيون اڇيون کير جهڙيون ڇاتيون، گلابي ڇاتيون، ڪنواريون ۽ ڪچڙيون ڇاتيون، اپريل ۽ سپٽيل ڇاتيون، معصوم ۽ مقدس ڇاتيون، سجدي ڪرڻ جهڙيون ڇاتيون، ڦٻن جهڙيون ڇاتيون، ڏاڙهونءَ جهڙيون ڇاتيون، نارنگين جهڙيون ڇاتيون، سنڌڙي انبن جهڙيون ڇاتيون.... بکايلن وانگر ڇوڪرن جا هٿ هنن تازن ميون ۾ مضبوط پئجي ويا، ۽ ڪي انهن کي بي تحاشا چوسڻ ۽ چڪ وجهڻ لڳا

ساڙهين جو ڪلڻ ڏکيو نه هو، ساڙهيون پٽ تي وڃي پيون، غرارا مٿي ٿيڻ سولا هئا، غرارا مٿي کڄي ويا، گهنڊ جهڙن پاڇن وارن پائجامن ۾ پاسي مان يا سامهون واريون زنجيرون ۽ زپون هڪ ئي جهٽڪي سان کلي ويون، هاڻي پاڇن وارن پائجامن ۽ مٿن کي کي ابداڻي واري جڳهه تي اکٽ بدران، پلاسٽڪ جون لچڪيدار پٽيون پيل هيون، سي هڪ ئي چڪ سان وڃي گوڏن پيڙيون ٿيون.

حوائون بي لباس ٿي ويون، حوائون الف ننگيون ٿي ويون، حوائن کي انگ ڍڪڻ لاءِ وڻ جو پن به ملي ڪونه سگهيو.

ڇوڪرن جو من ته مست اول ئي هو، هاڻي تن به مست ٿي ويو. ههڙي بي نقاب حسن جو جيرو جاڳندو جادو ته مُردن ۾ ساهه وجهي ڇڏي، هي ته نوجوان شاگرد هئا، باهه ۽ باروت جا مجسما.

ڪن ڇوڪرين کي ڪلهي تي کنيو، ڪن هنن کي گهلڻ شروع ڪيو. ڪو شڪار سميت ورانڊي ۾ ويو، ڪو ڪلاس ۾، ڪو ڪنهن ٻئي ڪمري ۾، ڪو ٻوٽن جي اوٽ ۾ ويو، ڪي مدهوش ته اتي ڇپر تي ئي شروع ٿي ويا.

ڪي ڇوڪريون حملي ٿيڻ شرط بيهوش ٿي ويون ۽ ايستائين بيهوش رهيون، جيستائين بيڙا پار ٿي ويا. ڪي سگهو ئي هوش ۾

ديني پارٽيءَ وارو مولانا قدرت الله، ايڊيٽر رحمان علي، قطعا لکندڙ قومي شاعر، گرلس ڪاليج جون پرنسيپالڻ ۽ نائب پرنسيپالڻ، واقعي سان ڳنڍيل ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن مان ڪن جا پيئر، ۽ شهر جون ڪجهه دولتمند ۽ مشهور هستيون ۽ ڪيترائي اسيمبلين جا ميمبر، وڪيل، اخبارن وارا ۽ ايڊيٽر.

ڪيئي ڪلاڪ هيءَ ميڙ جاري رهيو ۽ بحث مباحثو ٿيو. تقريرن ۽ تجويزن جو تت هي هو: ”اسانکان غلطي ٿي، وڏي غلطي ٿي، ڪالهه ڪان اسان گاوَ ڦاڙي بيان پڙي ڏنا آهن ۽ اهو پتو نه پيو ته پنهنجي ئي ڪوپريءَ ۾ پستول ڇوڙي رهيا آهيون. ائين برابر آهي ته ڇوڪرين سان ڪجهه زيادتي ٿي آهي ۽ هننجي پيئرن کي صدمو رسيو آهي، پر هاڻي جي وڏيڪ نقصان ٿيو ته اسانجي طبقي کي ئي پهچندو، ڇو ته سڀ پنهنجو پاڻ ۾ آهيون. اسان، جن، ڏينهن رات ڪوشش ڪري نوڪرين، تعليم، ملڪيتن، ڪارخانن ۽ واپار تي پورو قبضو ڪيو آهي، سي پاڻ ئي ڇوڪرن جي ٻاراڻي حرڪت ڪري پاڻکي ڇيهو رسائي رهيا آهيون. ڏکويل پيئرن کي عرض ٿو ڪجي ته پنهنجي طبقي ۽ تهذيب خاطر سڀڪجهه درگذر ڪن، پنهنجو پاڻ ۾ پرچي ويندا سين ته هاڻي به بچاءُ ٿي ويندو.“

”اها به اسانجي خوشقسمتي آهي جو ٻين اڪين ڏٺن شاهدن کان ته پريس وارا ۽ پوليس شاهديون وٺي چڪا آهن، پر پرنسيپالڻ ۽ نائب پرنسيپالڻ رهيل آهن، ڇو جو صدمي ۽ هيبت ڪري، ڪالهه هو بيان ڏيڻ جي لائق نه هيون. هاڻي هو بيان ڏئي سڄي معاملي کي ٺاهي سگهن ٿيون.

وڪيلن فني نڪتن تي صلاحون ڏنيون.

مولانا قدرت الله، جو هر وقت پان چٻاڙيندو رهندو هو، ۽ جنهنجا چپ، ڏند، زبان ۽ ڏاڙهي پان جي رنگ ۾ غليظ رهندا هئا، ۽ جنهنجي وات ۾ پان هجڻ ڪري ڳالهائڻ وقت اهڙو آواز نڪرندو هو جهڙو بي-بي-سيءَ جو آواز موسم خراب هجڻ جي حالت ۾، تنهن چيو، ”جي انهن ڇوڪرن ۾ هڪڙو به سنڌي هجي ها ته خدا جو قسم مان قرآن تي هٿ رکي اهو چوڻ ڪان ڪين ڪيٻايان ها

تہ انھيءَ سنڌيءَ ئي اسانجي ھنن ويھن ئي نياڻين جي عصمت خراب ڪئي ۽ پيا سڀ ڇوڪرا ھنکي روڪيندا رھيا. پر افسوس تہ انھيءَ ٽوليءَ کي تہ ڇڏيو، پر ان پوري ڪاليج ۾ سڀ پاڪستاني شاگرد آھن، ھڪ بہ سنڌي ڪونھي."

اسيمبلي ميمبر بندو خان چيو، "اھا ئي تہ ڳالھہ ماري ٿي تہ ھڙئي شاگرد پاڪستاني ھئا، سنڌي ھڪ بہ نہ ھو. مان توھانکي يقين ٿو ڏياريان تہ جي رڳو ڇوڪرين ۾ ئي ڪا سنڌڻ ھجي ھا، تہ مان ڪورٽ ۾ اھڙا عيني گواھہ اچي حاضر ڪريان ھا، جي خدا جو قسم کڻي ٻڌائين ھا تہ انھيءَ سنڌڻ ئي چالاڪيءَ سان سيڻي ڇوڪرين کي ڏتاريو ۽ سادہ لوح ڇوڪرن کي ڇوڪرين جي لڄ لُٽڻ تي مجبور ڪيو."

ايڊيٽر رحمان عليءَ چيو، "مان سپاڻي ئي اچوڪين خبرن جو رد ڏيندس. مان لکندس تہ اسلام دشمن ڪميونسٽن وڏاءُ ڪري اھي غلط خبرون اخبارن کي ڏنيون ھيون.... ۽ ھا اھو بہ لکندس تہ حقيقت ھن ريت ھئي تہ اسلام پسند شاگردن، ڪميونسٽن خلاف جلوس ڪڍيو ۽ گرلس ڪاليج وٽ نعرا ھڻي، انہي جي شاگرديائين کي شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو. انڪري شاگردن ۽ شاگرديائين جو پاڻ ۾ بيٺي بيٺي بحث، مباحثو ٿيو ۽ ايترڙي ڳالھہ کي ڪميونسٽن افسانو بنائي ڇڏيو."

پرنسيپالڻ ۽ نائب پرنسيپالڻ کي چيو ويو تہ ھو ايڊيٽر جي ان ڳالھہ جي پٺڀرائي ڪن. ٻين ايڊيٽرن ۽ اخبار وارن کي پڻ ساڳي ھدايت ڪئي وئي. ڇوڪرين جي پيئرن کي بہ سمجھايو ويو تہ ھو پنھنجي ڌين کان ڪالھوڪين خبرن جو رد شايع ڪرائين.

اھا ڇوڪري، جنھنجو دماغي توازن بگڙي ويو ھو، تنھنجو پيءُ ھن سڄي ڪارروائي دوران، بنا ڳالھائڻ اکين مان ڳوڙھن جا درياھہ وھائيندو رھيو.

رات جي ھُن وڳڙي موسم پليري ھئي. وڻندڙ ھوا لڳي رھي ھئي ۽ ھن اخبار جي عمارت واري رستي تي بجليءَ جي بلبن ۽ نيون سائينس جي رنگين روشنائين ڪري ماحول رنگ برنگي ھو.

اڄ جو سوال
۴- مارچ ۱۹٦٧
ڪڇھ ۴- مارچ متعلق
۴- مارچ ۱۹٦٧...

# مضمون

رسول بخش پليجو
يوسف لغاري
ڄام ساقي
غلام نبي

اک چنبي ۾ ناس ڪري ڇڏيو.

سنڌي شاگردن کي خود مطلبي ۽ وڏيرڪي ذاتي ملڪيت واري ذهنيت خلاف جدوجهد ڪرڻي پوندي. کين انقلابي علمن ۽ سائنسن جو اڏاهه مطالبو ڪرڻو پوندو. وڏيرن ۽ سرڪار جي چاپلوسي ۽ خوشامد کان ونءُ وڃڻ گهرجي. پاڻ پڙهائڻ، پڻاڪون هڻڻ، پاڻ کي مفت سوڊو، دودو، سورمو ۽ جوڌو سڏائڻ جو هوس ترڪ ڪرڻ گهرجي. اهي لقب معمولي ناهن. انهن کي معمولي نموني ڪتب آڻي انهن جي مٽي پليد نہ ڪرڻ گهرجي.

وڏي ڳالهہ تہ شاگردن کي پاڻکي هڪ الڳ ٿلهگ ۽ اڻانهون طبقو سمجهڻ نہ گهرجي. کين سنڌي پورهيت عوام سان ملي هڪ ٿيڻ گهرجي. سنڌن خدمت ڪرڻ گهرجي. ڪانئن سکڻ گهرجي.

دشمنن سنڌ جي نالي وٺڻ کي بہ ڏوهہ ٺهرايو هو. سنڌي شاگردن 'جيئي سنڌ' کي قومي نعرو بنائي ڇڏيو. پر هنن سنڌي ٽوپي ۽ سنڌي اجرڪ کي سنڌ جو قومي لباس تسليم ڪرائي ڇڏيو. اندرين خواه ٻاهرين سنڌ دشمنن يعني غدار وڏيرن ۽ ڌارين پرمارن انهيءَ نعري کي پنهنجي لاءِ موت ڪري ٿي سمجهيو ۽ انهيءَ جي مونمار مخالفت ڪيائون، پر کين هار کائڻي پئي. هاڻ هنن پنهنجون چالون بدلايون آهن. اڳي هو سنڌي عوام سان دشمني پاڙڻ لاءِ 'جيئي سنڌ' جي نعري جي مخالفت ڪندا هئا. هاڻ هو ساڳيو ڪم 'جيئي سنڌ' جو نعرو هڻي ڪرڻ گهرن ٿا. سنڌي عوام جا ڪيترائي ازلي دشمن ڏڪڙن واريون ٽوپيون ۽ اجرڪون پايو وتن، هاڻ هو 'جيئي سنڌ' جا وارث بڻجي، سنڌي عوام جي مخالفت ڪرڻ چاهين ٿا. جماعت اسلامي ۽ پناهگير نعپ جا سنڌي ڇاڙتا ۽ ڪنوينشني وڏيرا ايڏا تہ وڏا واڪا ڪري 'جيئي سنڌ' جا نعرا هڻن ٿا جو سنڌي عوام جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي مس ٿو اچي.

سنڌي شاگردن ۽ سنڌي قوم کي ماضيءَ مان سبق سکي اڄ جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ سوچڻو ۽ لوچڻو آهي. هر سال جي ٤- مارچ اسان سڀني کان سوال ٿي پڇي- هن سال ڪيترو اڳتي وڌيا آهيو؟ سوچيو تہ ڪهڙو جواب ڏيون!

## يوسف لغاري

# ٤- مارچ ١٩٦٧ع

ڪن سائين مونکي مجبور ڪيو آهي تہ مان ٤- مارچ بابت ڪجھ لکان. بنيادي طور تي مان نہ تہ اديب آهيان ۽ نہ وري تاريخ نويس. انڪري منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ انهيءَ اهم ڏينهن تي جيڪڏهن اسانجا اديب لکن تہ نهايت سٺو ٿئي - ڇو تہ جنهن موثر طريقي سان هو انهيءَ ڏينهن جي اهميت عوام کي محسوس ڪرائي سگهن ٿا. مان قطعي نہ، پر بهر حال.... هڪ شاگرد - ۽ تحريڪ جي هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان مان انهيءَ ڳالھ کي نهايت اهم سمجهانٿو تہ سچ کي ڪنهن بہ حالت ۾ نہ لڪايو وڃي. مان تاريخ سان راند کي تمام ڪڌو ڪم سمجهان ٿو - ۽ جنهنکي قومون ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديون آهن. سنڌ جي قومي حقن جي تاريخ ۾ ٤- مارچ جي اهميت جي پيش نظر، هِن مضمون ۾ مان فقط اُهي واقعا لکندس جيڪي منهنجي چِٽ تي چٽيل آهن.

ممڪن آهي منهنجون کي ڳالهيون ڪِن پڙهندڙن ۽ تحريڪ جي سرگرم ڪارڪنن کي ڪَوڙيون لڳن - مان انهن سان معذرت ڪندي فقط ايترو عرض ڪندس تہ زندھ قومون حقيقت کان منهن نہ موڙينديون آهن.

٤- مارچ اسانجي قومي تحريڪ جو اُهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جون ڪٽ چڙهيل زنجيرون هڪ ٺڪاءُ سان پنجي پور پور ٿي وڃون هيون - ڌرتيءَ ماءُ کي رَت جو ريج مليو هو - اُپ سچي کي لاک لڳي هئي. مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون، نڪور، نيج سج اڀريو هو - جنهنجي جوت سموري سنڌ کي جرڪائي وئي هئي. هر ڪنهن من ۾ هڪ نئون جذبو، هڪ نئين اُمنگ جاڳي هئي. پنهنجي آئنده جي اڏيندڙن کي انهيءَ تحريڪ جي حقيقت کان آگاھ ڪرڻ کان اڳ اهو نهايت ضروري آهي تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ٤- مارچ ١٩٦٧ع تائين انهن هاڃن تي هڪ

نظر وجهون جنجو انهيءَ واقعي سان گهڻو تعلق رهيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين پاڪستان جو پنجن قوميتن جي حقن تي اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي آڙ ۾ ڌاڙا هنيا ويا، انهن کي بنيادي انساني حقن کان محروم ڪيو ويو، بين الاقوامي طور مڃيل انساني اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي، انهن ننڍن صوبن جي عوام جڏهن بہ پنهنجي حقن جي حمايت ۾ آواز اُٿاريو تہ اُنهن کي غدار ۽ ڪافرڪوٺيو ويو. پاڪستان تہ ننڍين قومن کي سندن جائز حق ڏيارڻ، سندن تهذيب ۽ ثقافت کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ اُنهنجي حفاظت لاءِ وجود ۾ آيو، پر اُنهن اُصولن جي سراسر خلاف ورزي ڪئي وئي. هرهڪ صوبي جي عوام جو استحصال ڪيو ويو . انهيءَ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف اٿندڙ هر آواز کي دٻايو ويو. سنڌ جي عوام جي حقن تي ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا لڳا، کين ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي طرح ختم ڪيو ويو. پر ان هوندي بہ انهيءَ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سنڌ ۾ ڪابہ منظم تحريڪ شروع نہ ٿي سگهي. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ٤- مارچ -١٩٦٦ع تائين سنڌ ۾ ڪابہ اهڙي منظم سياسي يا سماجي تنظيم نہ هئي، جيڪا سنڌ کي انهن ڌاڙيلن کان بچائي سگهي. خاص ڪري ١٩٥٨ع کانپوءِ سنڌ جي سموري سياست تي ڳُهٽ ۽ ٻُوسٽ ڇانيل هئي، ۽ ڪوبہ اهڙو سياستدان ڪونہ هو، جيڪو ايوب خان جهڙي آمر سان سنڌ جي مسئلن ۽ حقن بابت ڳالهائي سگهي. جيَ ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، ۽ قاضي فيض محمد - انهن ڪانسواءِ فقط سنڌي ادبي سنگت ئي هئي جيڪا سنڌ جي مسئلن تي وقت بوقت آواز اُٿاريندي رهي. اهي سڀئي سچ سچ ڳالهائڻ جي ڏوهہ ۾ جيل جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙين ۾ پنهنجي بي ڏوهيءَ جي سزا ڀوڳيندا رهيا. نہ انهن وٽ ايترا وسيلا هئا ۽ نہ وري حڪومت اُنهن کي ايترو موقعو ڏنو، جو هو سنڌ جي نوجوانن کي منظم ڪري ڀرپور جدوجهد لاءِ آماده ڪري سگهن. سنڌ جي سياست هميشہ انهن وڏيرن جي هٿن ۾ رهي هئي، جيڪي پنهنجي مفاد خاطر سنڌ جي سُک ۽ سلامتيءَ جو سودو ڪندا رهيا.

سنڌ جا سپوت جيڪي پنهنجي مٺڙي ٻولي، وطن ۽ ويڙهيچن

تي ٽيندڙ ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ جا لڪاءُ ڏسندا رهيا هئا، سي ڪنهن اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئا جو ڪين من ۾ متل مچ مچائڻ جو موقعو ملي سگهي. انهن کي ڪنهن اهڙي ليڊر جي ڳولا هئي، جيڪو سندن اڳواڻي ڪري، ڪين دڳ لائي سگهي. هن ڌرتيءَ کي هڪ اهڙي ديواني جي گهرج هئي، جيڪو ڪنگر ڪوٽ جي اوچين ديوارن کي ڊاهي سگهي. هن گهٽيل ۽ ٻوساٽيل ماحول کي هڪ اهڙي رڙ جي ضرورت هئي، جيڪا ڌرتيءَ جي هِن ڪُنڊ کان هُن ڪنڊ تائين پکڙجي وڃي. سنڌڙي ماءُ پنهنجي اجهاڻل اجهاڻل اکڙين ۾ آسن امېدن جا انيڪ ڏيئا ٻاريو - روشن سويرن جو انتظار ڪري رهي هئي.

نومبر ١٩٦٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ۽ ڪمشنر مسرور حسن جي دشمني عروج تي هئي. انهيءَ لاءِ سبب ڪهڙا به رهيا هجن، پر جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي ته ان کان اڳ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ڪرنل نجيب کي تڙي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا. وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان شاگردن جو پاسو وٺندي، ڪرنل نجيب جي ڪڍيل شاگردن کي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ڏني. جيڪا مسرور حسن جي پهرين شڪست هئي. مسرور حسن جي ٻي شڪست انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪوٽا سسٽم جي شروعات هئي جنهن مطابق ٻهراڙيءَ جي شاگردن ۽ شهري شاگردن لاءِ سيٽن جي مقرري ڪئي وئي هئي، جنهنجي ڪري مهاجر، جيڪي سنڌي شاگردن جو حق ماري ويهندا هئا. سي هاڻ ائين ڪونه ٿي ڪري سگهيا. انهيءَ ڪوٽا سسٽم جاري ڪرائڻ ۾ جيڪا جدوجهد ڊاڪٽر افغان ۽ عبدالباقي شيخ پرنسپال ايگريڪلچرل ڪاليج ٽنڊوڄام ڪئي هئي، تنهنتي انهن سڄڻن کي جس هجي. مسرور حسن جيڪو هڪڙي شڪست کائي چڪو هو. تنهن انهيءَ ٻنهين فتح کي به حسن علي عبدالرحمان جي ذات سان منسوب ڪيو ۽ حڪومت کي بدظن ڪرڻ لاءِ مٿس سنڌي نواز هئڻ جو الزام لڳايو. مهاجر شاگردن وري نام نهاد مهاجر ليڊر حافظ مبارڪ علي شاهه ۽ نواب مظفر حسين ذريعي انهيءَ مسئلي کي ڪنيو.

۽ اخباري بيان بازيءَ ذريعي هڙتالن جون ڌمڪيون ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. تيون سبب (مسرور ۽ حسن دشمنيءَ جو) جيڪو انهيءَ وقت پڌرو ٿي آيو پئي سو (سچ هو يا ڪوڙ پر بهر حال.....) اهو هو ته حسن علي عبدالرحمان، مسرور حسن جي خلاف يونيورسٽيءَ جي چانسلر کي لکيو هو ته: 'ڪمشنر صاحب سينڊيڪيٽ جي ٽن ميٽنگن ۾ لڳاتار شريڪ نه ٿيو آهي، انڪري سندس خلاف موثر ڪاروائي ڪئي وڃي.' جنهن جي ڪري مسرور حسن خان، حسن علي عبدالرحمان مان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. اردو اخبارن ايڊيٽوريل تي ايڊيٽوريل پئي لکيا. ڪراچي ڪان سکر تائين هڙتالن جون ڌمڪيون....حڪومت جو نظام درهم برهم ڪرڻ جون ڌمڪيون. حريت ۽ جنگ ڪراچي، بشارت ۽ انڊس ٽائيمس حيدرآباد روز ڪو نه ڪو شوشو ڇڏينديون هيون. هٺ ٺوڪيا ليڊر سنڌي وائيس چانسلر ۽ سنڌين خلاف ڇوهه چنبڙيندا رهيا. يونيورسٽي انتظاميه تي الزام لڳايو ويو ته نوڪرين ۾ مڙني سنڌين کي ڪنيو ويو آهي. جنهن تي ترت ئي يونيورسٽيءَ طرفان انگ اکر پيش ڪيا ويا، جن مطابق يونيورسٽي ۾ بمشڪل ۳۳ سيڪڙو سنڌي استاد هئا. انهيءَ پروپيگنڊه سببان ٦٧ع جي شروعات ۾ محمد علي هوتي خاص انهيءَ جاچ لاءِ آيو. مسرور حسن جي ڪوشش سان مهاجرن کي انهيءَ ڳالهه لاءِ تيار ڪيو ويو ته هو مذڪور وزير جي اچڻ تي وائيس چانسلر جي خلاف نعرا لڳائين ۽ ايترو وڏو ڪوڙ پکيڙين جو وزير موصوف شاگردن کي خطاب نه ڪري سگهي ۽ انتظاميه لاءِ تمام خراب تاثر ڪٿي وڃي. جيئن ته وائيس چانسلر کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پهچي چڪي هئي، تنهنڪري سمورو بندوبست لائبريريءَ هال ۾ ڪيو ويو، جتي فقط اسٽاف کي سڏيو ويو هو. وزير موصوف جي اُتي پهچڻ شرط دروازي کي اندران بند ڪري ڇڏيو ويو. سونکي انهيءَ ڳالهه جي سڌ هئي ته اِهي مهاجر سنڌي وائيس چانسلر خلاف وڏو ڪوڙ پکيڙي ڪيس ڪيرائي سندس جاءِ تي مهاجر وائيس چانسلر آڻڻ گهرن ٿا، ته جيئن رضي الدين جي وقت ۾ سنڌين جي حق تلفي ٿيندي رهي آهي، تيئن هينئر به ٿئي. پر مون کين چتاءُ ڏنو ته وائيس چانسلر جي خلاف جيڪڏهن ڪو

آواز اُٿاريو ويو ته سنڌن خير ڪونهي. ڪين مون مان، حسن علي عبدالرحمان لاءِ اهڙي رويي جي اميد ڪانه هئي، ڇو ته شاگرد يونين جي اليڪشن ۾ حسن علي عبدالرحمان منهنجي سخت مخالفت ڪري چڪو هو. خود حڪومت طرفان يونيورسٽيءَ اختياري وارن کي اهڙيون هدايتون ڏنيون ويون هيون. ڇو جو مان حڪومت دشمنن ۾ سرخن ۾ شمار ٿيندو هوس، جيڪي سُرخا مون سان گڏ هوندا هئا انهن مان گهڻو ڪري مهاجر هئا جيڪي جماعت اسلاميءَ جا سخت مخالف هئا، پر جڏهن جماعت اسلاميءَ جو هڪ مهاجر اميدوار منهنجي مخالفت ۾ بيٺو ته اُنهن سرخن پنهنجي مهاجر ڀاءُ جو ساٿ ڏنو! (بهر حال سنڌي شاگردن جي حمايت ڪري مان ڪامياب ٿي ويس.) مونکي ذاتي طور اهو تجربو ٿي چڪو هو ته ڪنهن به حالت ۾ اهي سنڌي کي برداشت ڪونه ڪندا.

انهن مهاجر سُرخن مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته، حسن علي عبدالرحمان جذباتيت پڪڙي رهيو آهي، جنهنڪري سرخن جي تحريڪ کي ڪافي نقصان پهچندو، انڪري سنڌس خلاف تحريڪ هلائي وڃي. مون کين ڪُٽو جواب ڏنو ته، ”سنڌين جي مخالفت ڪري مونکي پنهنجي ليڊري چمڪائڻ جو ڪو خاص شوق ڪونهي.“ مون پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪيو ۽ زوري لائبريريءَ هال ۾ گهڙي ويس. ۽ وائيس چانسلر کي درخواست ڪيم ته مونکي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي. هن واعدو ڪيو ته سندس تقرير ڪانپوءِ مونکي موقعو ڏنو ويندو، پر جيئن ته منهنجي اچڻ ڪري هو پريشان ٿي ويو هو، تنهنڪري پنهنجي تقرير ختم ڪري هُن وزير صاحب کي درخواست ڪئي. وزيرصاحب مائيڪ تي پهتو مس ته موڙ وجي مائيڪ وٺي ڇڏيو مانس ۽ زبردستي تقرير ڪيم، جنهن ۾ سنڌي شاگردن سان زيادتين، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مسئلن، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش متعلق ٻڌايو. سنڌي فائنل کي ٻيهر جاري ڪرڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم سنڌي ۽ اڙدوءَ ۾ ڪرڻ لاءِ چيم– ۽ اهو به ٻڌايم ته ٻه c.s.p آفيسر عملدار رضا ۽ مسرور حسن ڪن نام نهاد شاگردن ذريعي وائيس چانسلر جي خلاف تحريڪ هلائي

چند ٽڪن جي عيوض سنڌ جي عزت ۽ غيرت جوسودو ڪيو هو-
۽ جنهنجي سنڌ دشمني نواب مظفر حسين کان به چوٽ چڙهيل
هئي. سنڌي شاگردن جو اهو مطالبو هو ته ڪمشنر مسرور حسن
کنهن به حالتپر هن يونيورسٽيءَ ۾ نه اچڻ گهرجي. ۽ اسان اهو فيصلو
ڪيو ته مسرور حسن کي هن اداري ۾ پير ڏرڻ جي اصل اجازت نه
ڏبي. جنهن کانپوءِ اولڊ ڪيمپس جا سمورا ڪلاس اسان بند ڪرايا.
۽ پوءِ پنجن ڇهن بسن ۾ شاگرد پرجي نعرا لڳائيندا ڪمشنر جي
آفيس ڏي روانا ٿيا. اتي خبر پئي ته ڪمشنر آفيس جي پوئين در کان
نڪري بنگلي تي هليو ويو آهي، انڪري اسين وري بسن ۾ چڙهي
ڪمشنر جي بنگلي تي آياسين. پوليس تمام گهڻي تعداد ۾ هئي ڪري
اسانجي اندر وڃڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿي وئي. هڪ وڳي اسين
پنهنجو احتجاج ختم ڪري يونيورسٽي موٽي آياسين. جتي حسن علي
عبدالرحمان مونکي گهرائي ٻڌايو ته ڪيس لاٿو ڪونه ويو آهي، بلڪ
هو ٽن مهينن جي موڪل تي وڃي رهيو آهي. مونکي اعتبار ڪونه
آيو ڇو ته هو ڏنل ڏنل پئي ڏسڻ ۾ آيو. هن مونکي انهيءَ احتجاج
جي خوفناڪ انجام کان ڊيڄاريو پئي. ايتريقدر جو مونکي پنهنجي
عزت جا واسطا وجهي احتجاج تان هٿ کڻڻ لاءِ چيائين.

اسين وري بسن ۾ پرجي پوري شهر جو گشت ڪري نعرا
لڳائيندا نيو ڪيمپس ڄامشوري پهتاسين ۽ اتي به هڙتال ڪرائي وئي.
شام جو جنرل باڊي جي ميٽنگ هاسٽل پارڪ ۾ ڪوٺائي وئي.
مون محسوس ڪيو هو ته شاگرد ڪن سببن ڪري بدل هئا ته
مڪمل هڙتال ناممڪن آهي، جنهنجا ڪي سبب هئا. جيئن ته:
يونيورسٽيءَ جا ٻه حصا ٻارنهن ميلن جي مفاصلي تي هئڻ ڪري
شاگردن کي اها پڪ نه هئي ته ٻنهي حصن ۾ هڪ ئي وقت هڙتال
ڪيئن ٿي ٿي سگهي.

مهاجر شاگرد تعداد ۾ برابر يا پاڻ ڪٿي گهٽائي ۾ آهن ۽
جي اُهي شامل نه ٿيندا ته سنڌي شاگرد پريڪٽيڪل ۽ پڙهائيءَ ۾
پٺتي رهجي ويندا.

هيلتائين ڪابه شاگرد تحريڪ ڪڏهن به سنڌي بنياد تي نه

هلي هئي، سڄي سنڌ مان انهيءَ تحريڪ جي حمايت ٿيندي يا نه؟

اردو پريس ۽ مهاجر رهنمائن هر پليٽ فارم تي اسانجي مخالفت ڪئي آهي ۽ جنهنکي حڪومت جي مدد پڻ حاصل آهي. ٻئي پاسي اسانجي سنڌي ليڊرن ڪنهن به نموني اسانجي تحريڪ جي پٺڀرائي نه ڪئي آهي، انهيءَ ڪري تحريڪ فيل ويندي؟

اهي مشڪلاتون هيون ضرور، پر اهڙيون به نه، جو انهنکي منهن نه ڏيئي سگهجي. هن وقت وڏي ۾ وڏي ضرورت شاگردن کي منظم ڪرڻ جي هئي. ۽ شاگردن کي، يونين جي صدر هئڻ جي حيثيت سان مون ۾ ڪافي اميد هئي. جڏهن ته يونين جي مهاجر جنرل سيڪريٽري کلم کلا اسانجي مخالفت ڪئي هئي، ۽ مان ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌي شاگردن جي مفاد کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هوس. ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ اسانجو ويساهه هو ته جيڪڏهن هن وقت سنڌي شاگردن طرفان ڪا تحريڪ نه اُٿي ته پوءِ شايد ڪڏهن به اُٿي نه سگهندي. سنڌ جي سدائين سُتل عوام کي اکهور ننڊ مان ڏونڌاڙي جاڳائڻ جو هن کانپوءِ ٻيو ڪو موقعو نه ملندو. انهيءَ موقعي کان فائدو ورتو وڃي. ڪامل راڄپر ۽ پير ڳڙڙي انهيءَ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مونکي اُتساهه ڏنو.

جنرل باڊي جي اجلاس ۾ نه فقط سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد حاضر هئا، بلڪ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان به ڪيترا شاگرد اسان سان شامل ٿيڻ لاءِ آيا هئا. انهن جي سات اسانجي ساٿين ۾ وڏيڪ جذبو پيدا ڪيو. انهيءَ ميٽنگ ۾ مهاجر شاگردن کي الٽيميٽم ڏنو ويو ته جيڪڏهن هو اسانجي تحريڪ ۾ رڪاوٽ بڻيا ته سندن سخت مقابلو ڪيو ويندو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت مهاجر شاگردن تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ گهاٽ پئي گهڙيا ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئا، هنن نٿي چاهيو ته سنڌين جي سڄاڳي جي تحريڪ ڪامياب وڃي.

انهيءَ ڏينهن جنرل باڊي جي ميٽنگ ۾ ۳ ايڪشن ڪاميٽيون ٺاهيون ويون، پهرين ايڪشن ڪاميٽي جو چيئرمن مونکي بڻايو ويو ۽ ٻين ميمبرن جا نالا راز ۾ رکيا ويا ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته

ٻهرين ايڪشن ڪاميٽي جي گرفتاري ڪانپوءِ ٻي ايڪشن ڪاميٽي چارج سنڀاليندي ۽ ان بعد ٽين ايڪشن ڪاميٽي تحرڪ ۾ ايندي. اهڙيءَ طرح اهو فيصلو به ٿيو ته ٻئي ڏينهن سائنس ڊپارٽمنٽ بند ڪرائي بسن تي اولڊ ڪيمپس پهچي، اُتي آرٽس جي شاگردن سان گڏجڻو هو ۽ اتي جنرل باڊي جو اجلاس ڪري، جلوس شهر جا چڪر هڻي، واپس هاسٽل پهچڻو هو. ان ڪانپوءِ شام جو وري سائنس ڪيمپس ڪان آرٽس ڪيمپس پهچي اتي شام جا ڪلاس بند ڪرائي وري شام جو هاسٽل پهچڻ جو پروگرام هو، جتي سنڌي شاگرد گهٽي تعداد ۾ رهندا هئا. جنرل باڊي جي ميٽنگ ڪانپوءِ ٽن ٽئي شاگردن طرفان چندو ڪري اسان ڪيترن ئي شاگردن کي نوابشاهه، ٽنڊو الهيار ۽ ڪوٽڙي موڪليو، جن اتان تارن ذريعي حڪومت کي صورتحال ڪان واقف ڪيو، ڇاڪاڻ جو حيدرآباد تار گهر وارن تارن موڪلڻ ڪان ڪيهايو پئي.

ٻئي ڏينهن پروگرام مطابق سائنس جا ڪلاس بند ڪرائڻ وياسين. مهاجر شاگرد ڪلاسن مان نڪرڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ اسانجي خلاف نعره بازي ڪئي، جنهن تي اسانجي ساٿين انهنءَ کي ڪافي سمجهايو، پر جڏهن هو عفا نابري واري بيٺا ته اسان انهنجو مقابلو ڪيو ۽ زور زبردستي کين ڪلاسن مان ڪڍيو. هتي مونکي اهو چوندي ڪوبه وڏاءُ نٿو لڳي ته حق جي حمايت ڪرڻ وارن شاگردن کي، غنده گردي ذريعي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اسانکي مجبور ٿي انهيءَ جو جواب ڏيڻو پئجي ويو. جنهنڪري سندن غنده گردي جي حمايت ڪرڻ جي جواب ۾ سنڌي شاگردن جون اکيون ڏسڻيون پيون ۽ ان ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن به اُردو پروفيسر جي همت نه ٿي ته هُو سنڌي تحريڪ جي مخالفت انهيءَ طرح ڪري سگهي. اُردو شاگردن پنهنجي بيوسي ڏسي، پنهنجي اُردو شاگرديائين جو سهارو ورتو. هڪڙي ڪلاس ۾ ته عجيب نظارو ڏسڻ ۾ آيو، ڇوڪريون اسان سان بدتميزي ڪرڻ لڳيون ته جيئن سنڌي شاگردن ۾ اشتعال پيدا ٿئي ۽ هُو ڪا سخت قسم جي بدتميزي ڪن ته جيئن تحريڪ ۾ غنده گردي جو عنصر شامل ڪري، تحريڪ کي

۽ ڪيس مجبور ڪيائون ته هي تنهنجو BASS آهي، انهيءَ ڪي سلام ڪر. ۽ مجبور ٿي D.C صاحب کي، ڪتي ڪي سلامي ڏيڻي پئي. ساڳي رات ساڍي يارهين لڳي ڏاري محمد حسين ترڪ، قائم مقام وائيس چانسلر، سيني هيڊ آف دي ڊپارٽمنٽس جي اٿالي سميت مون سان ملڻ آيو. اسانکي پنهنجي احتجاج ختم ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويئي. مون مٿن واضح ڪري ڇڏيو ته تحريڪ کي ڪنهن به حالتڻ ختم نه ڪيو ويندو. ڇو ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مان انهيءَ تحريڪ جي حمايت ٿي چڪي آهي. سنڌ جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ سندن نظرون اسان ۾ آهن، تنهنڪري اسان عوام جي اعتماد کي دوکو نه ڏينداسين. انهن مونکي مجبور ڪيو ته مان ڪمشنر سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيان. پر جيئن ته جنرل باڊي فيصلو ڪري چڪي هئي ته ڪمشنر سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه نه ڪئي وڃي، تنهنڪري مون پنهنجي لاچاريءَ جو اظهار ڪيو، پر سندس مجبور ڪرڻ تي رات جو ٻين لڳي هاسٽل ۾ جنرل باڊي جي ميٽنگ سڏائي. جنهن ۾ شاگردن ترڪ جي درخواست منظور ڪري، مونکي ڪمشنر سان ڳالهائڻ جي اختياري ڏني. رات جو ۳ لڳي شاگردن جو هڪ وفد، جنهن ۾ مسعود نوراني، عثمان ڪيريو، راشدي محمد سعيد ۽ مان شامل هئاسين، ڪمشنر سان ملڻ لاءِ ويو. ڪمشنر سان ڇئين لڳي ڌاري رات جو ملياسين. هن نهايت ئي عاجزيءَ سان ڳالهايو ۽ بار بار اسانکي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته حسن علي جي ڪيڏڻ ۾ هنجو هٿ نه آهي، پر جيڪڏهن شاگرد ائين سمجهن ٿا ته هو معافي وٺڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن وفد کان معافي ورتي. مون ڪيس ٻڌايو ته: هن جدوجهد ۾ اسان سان شامل سنڌي شاگردن کان به معافي ورتي وڃي، فقط اسانکان نه. ڪمشنر پهرين ته اها ڳالهه مڃڻ کان ڪيٻايو پئي، پر جڏهن اسان ڪنهن به عارضي صلح ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته هن اسانجي موقف کي انهيءَ شرط سان مڃيو ته جيڪڏهن شاگردن ڪيس معاف نه ڪيو ته ڪيس يونيورسٽي مان سلامتيءَ سان نڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي ۽ سندس خلاف نعرا نه هنيا ويندا. هن انڪوائري ڪاميٽي مقرر ڪرڻ جي حامي ڀري،

واڙيو ويو هو. ڪمبل وٺڻ مهل هڪ وارڊن شاگردن کي عام قيدي سمجهي ڪري گاريون ڏيڻ لڳو ۽ سيني کان خراب ڪمبل شاگردن کي ڏيڻ لڳو، جو جيل حڪام لاءِ به اهو مسئلو ٿي چڪو هو ته هيترن قيدين کي ڪهڙيءَ ريت سان ڪمبل ڏيئي سگهجن. ڪجهه شاگردن کي ڪاوڙ اچي ويئي، انهن انهيءَ وارڊن جي ڪجهه مرمت ڪري وڌي، ان ڪانپوءِ وارڊن ڪجهه سانت ۾ آيو ۽ پوءِ پٽ سٽ ڪري پورائي ڪئي وئي.

مونکي خاطري هئي ته اسين بگهڙن جي ور چڙهي ويا آهيون، جنهنڪري ڪنهن به حالت ۾ هنن مان چڱائي جي اُميد ڪانهي، انڪري مون نهايت ئي سخت رويو اختيار ڪيو ۽ شاگردن کي خاص ڪري هدايم ته ڪنهن به حالت ۾ ڪا به زيادتي برداشت نه ڪن. جو مان انهيءَ نظرئي جو هوس ته ڪامورا شاهي ۽ ظالم فقط طاقت کان ئي ڊڄندا آهن. مان پنهنجي شاگردن کي ڪنهن به حالت ۾ Demorolise ڪرڻ لاءِ تيار نه هوس، انهيءَ ڪري شاگردن کي کُلي اجازت ڏنم ته جيئن هو ٿيل ناانصافيءَ خلاف پنهنجي دل جي باهه ڪڍي سگهن. هڪ ساٿي ته ايتريقدر چئي ڏنو ته ڪجهه به ٿئي، اسين زيادتيءَ جو جواب زيادتيءَ سان ڏينداسين. مون شاگردن کي گڏ ڪري تقرير ڪئي ۽ شاگردن کي هدايو ته هو ڪنهن به حالت ۾ بيرڪن جي اندر تيستائين نه وڃن، جيستائين اسانکي اهو يقين ڏياريو وڃي ته بيرڪن جا دروازا کليل هوندا ۽ اسان پنهي بيرڪن جا شاگرد هڪ ٻئي سان کلي طرح ملي سگهنداسين. جيل جا حاڪم انهيءَ لاءِ تيار نه هئا. مون شاگردن کي واضح طور تي هدايو ته جيڪڏهن اسان هن وقت جيل جي حڪام جون زيادتيون برداشت ڪيون، ته پوءِ جيل حڪام اسانجي لاءِ مصيبت ٿي پوندا. ڏهين لڳي تائين شاگرد بيرڪن ۾ گهمندا رهيا. مون شاگردن کي Disciplane رکڻ لاءِ چيو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن ڪا به شڪايت هجي مونسان ڪن، جيئن ڪو به فيصلو ڪجي ته انهيءَ لاءِ سيني جو گڏيل فيصلو هجي. اٽڪل ٻارهين وڳي ڊاري به ٽي وارڊن ۾ ڪجهه ڪنسٽيبل آيا، جن شاگردن کي بيرڪن جي اندر وڃڻ لاءِ

ڇيو، جنهن تي شاگردن ڪنهن به حالت ۾ بيرڪن جي اندر وڃڻ کان انڪار ڪيو. واردن جيڪي اڳي عام قيدين سان خراب روش جا عادي هئا، تن گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. جنهن تي شاگرد مشتعل ٿي ويا، هڪ واردن کي مارڻ لاءِ جهلي ورتو. مان يڪدم اتي پهچي ويس- ۽ کيس ڇڏايم. مون کيس ٻڌايو ته هو بدتميزي نه ڪري ۽ بيرڪ کان ٻاهر هليو وڃي، ۽ پنهنجن آفيسرن کي موڪلي. اسان جيل ۾ نعرا هڻڻ شروع ڪيا. شاگردن سڄي جيل کي مٿي تي کڻي ڇڏيو ۽ ائين ٿي لڳو، ڄڻ جيل ۾ بغاوت ٿي ويئي آهي. پهرين رات، جيل ۾ پهرئين دفعي آيل مهمانن بغاوت شروع ڪري ڏني. جيل حڪام شايد انهيءَ ڳالهه لاءِ تيار نه هئا. هنن سمجهيو هو ته اسڪول جا شاگرد جهڙي طريقي سان پنهنجي استادن جي احترام ۾ خاموش رهندا آهن. اهڙي طريقي سان جيل حڪام جي اڳيان به هر زيادتي برداشت ڪري نوڙت ڪندا رهندا.

شاگردن جيل حڪام تي لعنت، مسرور تي لعنت، ايوب شاهي مرده باد، ون يونٽ مرده باد، مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون وغيره قسم جا نعرا هنيا. ڪجهه دير ڪانپوءِ جيل جي ڀئي پاسي کان نعرن جا جواب ملڻ شروع ٿي ويا، شايد قيدي ڀاءُ اسانجي نعرن جو مطلب سمجهي ويا هئا. چاڪاڻ ته جنهن وقت اسان جيل ۾ پهتا هئاسين ته ڪيترن قيدين اسان سان همدردي ڏيکاري هئي ۽ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو هو. هو اسانکان ذر ذر پڇي رهيا هئا. اوهان سنڌ جي ڪري جيل ۾ آيا آهيو. اسين اوهان تي ڪنهن به حالت ۾ ظلم ٿيڻ نه ڏينداسين. ڪجهه دير ڪانپوءِ جيل سپرنٽينڊنٽ شفقت ۽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ مظفر چنا ٻراچي ويا. اسانکي نعرن بند ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اسان کين ٻڌايو ته جيستائين اسانکي ٻيرڪن ۾ آزاد گهمڻ جي سهوليت نه ڏني ويندي ۽ انهيءَ واردن کي اسانجي بيرڪن مان ٻاهر نه ڪڍيو ويندو، اسين بيرڪن اندر نه وينداسين. آخر ڪجهه دير ڪانپوءُ سپرنٽينڊنٽ اسانکي ٻڌايو ته اوهان بيرڪن ۾ وڃو، فقط اڄ رات بيرڪون بند ر کيون وينديون، ۽ صبح جو انهيءَ متعلق ڊائريڪٽر پرزنس کان اجازت وٺي ڏني ويندي ۽ ٻيو ته واردن کي فوري طور

سگهو. جيڪڏهن اوهان فقط هن هنگامي ۾ رونشي جي ڪري جيل ۾ آيا آهيو ته مونکي توهان سان همدردي آهي، نه ته توهانتي افسوس آهي ۽ وچڻ وقت فقط ايترو چوندو ويو ته: وڏي کان وڏي مصيبت وقت به مسڪرائيندا رهو، جيئن اوهانجا دشمن اوهانجي همت کي ڏسي، بي همت ٿي وڃن، ۽ مان توهانکي هن جدوجهد تي مبارڪباد ڏيانٿو، جو اوهان پنهنجو رتُ وهائي ايتري تعداد ۾ جيل ۾ هڪ ئي وقت آيا آهيو. منهنجي ساري سروس ۾ ڪيتريون تحريڪون هليون آهن، پر ڪڏهن به هڪ ئي وقت ۾ هيترا شاگرد قيدي نه آيا آهن.

مون کيس يقين ڏياريو ته اسانکي جيل حڪام سان ڪابه شڪايت نه رهندي، اسين سمجهون ٿا ته جيل ۾ آيا آهيون، ڪنهن دعوت تي نه آيا آهيون جو ويهي شڪايتون ڪريون. پر اسان پنهنجي توهين کي ڪنهن به حالت ۾ برداشت نه ڪنداسين، جيڪڏهن اوهان مڪمل تعاون چاهيو ٿا ته جيل جي حڪام کي پڌايو ته هو اسان سان مهذب شهري جهڙو ورتاءُ ڪن. ڊائريڪٽر جيل حڪام کي ڪجهه هدايتون ڏيئي ويو هليو. انهيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو ڪيترن ئي شاگردن ڊاڪٽر کان فرسٽ ايڊ وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ۾ فيصلو ڪياڻون ته اسين هر حالت ۾ هرڪا تڪليف برداشت ڪنداسين. ۽ ائين سمجهنداسين ته يونيورسٽي هاسٽل ۾ رهي رهيا آهيون.

ان ڪانپوءِ اسان مختلف ٽولين ۾ ڪچهرين ۾ مشغول ٿي وياسين. صبح سوير اسانکي پتي پيو ته اسانجو هڪ دوست شهيد ٿي ويو آهي، (جيتوڻيڪ اها خبر بلڪل غلط هئي) انهيءَ خبر شاگردن ۾ هڪ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو. مون يڪدم شاگردن کي گڏ ڪيوءِ کين ٻڌايو ته سڀ شاگرد هڪ هنڌ گڏ ٿي وڃن، جيئن تعزيتي جلسو ڪري سگهجي. اسان هڪ تعزيتي جلسو ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ ڏک طور تي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪئي سين، ۽ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته اسان اڄ کان بک هڙتال تي ويهون ٿا، جيسين تائين اسانجي شهيد ساٿي جي قتل جي تحقيقات جو آرڊر نٿو ڪيو وڃي.

ٿوري دير ڪانپوءِ اها ڳالهه هلي وئي ته مونکي پنهنجن ساٿين کان الڳ ڪيو ويندو. شاگردن فيصلو ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ مونکي ڪانئن جدا ٿيڻ نه ڏنو ويندو. مون کين ٻڌايو ته اهو اهڙو مسئلو ڪونهي، جنهن تي ضد ڪجي، بهرحال شاگرد ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيا. مون به ساڻن وعدو ڪيو ته جيسين تائين اوهان اجازت نه ڏيندا، مان ڪنهن پاسي به نه ويندس.

شاگردن چنا کي ٻڌائي ڇڏيو ته هاڻي ڪوبه شاگرد يوسف کي نه ڇڏيندو. ڪيترا دفعا چنا صاحب مونکي وٺڻ آيو، پر ڇوڪرن نه ڇڏيو.

ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ چنا صاحب آيو ۽ مونکي اچي ٻڌايائين ته منهنجو والد صاحب سپرنٽينڊنٽ صاحب جي آفيس ۾ ويٺو آهي. مان سندس آفيس ۾ ويس، اتي والد صاحب ته ڪونه هو، پر مون ڏٺو ته اتي S.P ۽ S.H.O اميد علي جوڻيجو موجود هئا. اميد علي مونکي هڪ ليٽر ڏنو، جيڪو مون پڙهيو ته مونکي معلوم ٿيو ته هي D.P.R جو وارنٽ هو، جنهن تحت مونکي ۽ ٻين ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

مون وارنٽ وٺي ڪيس ڇيو ته ٻيو به ڪو وارنٽ آهي يا فقط اهو ئي آهي. S.P صاحب طنزيه طور چيو ته: اهو ته في الحال پهريون آهي، ٻئي دفعي ضرورت پئي ته اوهانکي ٻيا ليٽر به ڏنا ويندا. مونکي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي، پر مان لاچار چپ رهيس، ان ڪانپوءِ S.P هڪ رسيد سپرنٽينڊنٽ جيل کي لکي ڏني. مان واپس وڃڻ تي هوس ته S.P مونکي ترسڻ لاءِ چيو. ان ڪانپوءِ جوڻيجي صاحب مونکي چيو ته هاڻ اوهان اسانجي حوالي آهيو. مون کين چيو ته مونکي پنهنجو سامان کڻڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر هنن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مون کين ٻڌايو ته منهنجا پير اُگهاڙا آهن، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي جُتي گهرائي ڏني وڃي. پر انهن ائين ڪرڻ کان به انڪار ڪيو.

خير مان پنهنجن ساٿين کان جدا ٿي، ڪنهن ٻي منزل طرف وڃي رهيو هوس. مان جيل کان ٻاهر نڪتس ته جوڻيجو ۽ ٻه ٽي

سپاهي منهنجي پوياڙ اچي رهيا هئا. مونکي هڪ پوليس پڪ اپ ۾ چڙهڻ لاءِ چيو ويو. منهنجي تعجب جي حد نه رهي، جڏهين مون ڏٺو ته چار ساٿي، يوسف ٽالپر ۽ منور ميمڻ اڳئي اتي موجود هئا. مان گاڏيءَ ۾ چڙهيس ۽ يوسف ٽالپر کي ڏسڻ شرط چيم ته: توکي الله آندو آهي، ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون. انهيءَ ڳالهه تي سپاهي کان ٺهڪ نڪري ويو. چام ۽ منور کان خبرون ورتم، جتي معلوم ٿيو ته اچا اٺ ساٿي وڌيڪ اچڻا هئا. يوسف ٽالپر ۽ اسان سپٽي اڌ ڪلاڪ کانپوءِ نارا جيل تي پهچي چڪا هئاسين. اسانکي نارا جيل ۾ ڪچيون ڪوٺيون ڏنيون ويون، جيڪي اٺ فوٽ ويڪريون ۽ اٺ فوٽ ڊگهيون هيون. پهرين ڪوٺيءَ ۾ مونکي بند ڪيو ويو، ٻي ڪوٺيءَ ۾ يوسف ٽالپر، ٽين ڪوٺيءَ ۾ منور ميمڻ ۽ چوٿين ڪوٺيءَ ۾ چام کي بند ڪيو ويو. اسين ٻين وڳي ڌاري آيا هئاسين. مون يوسف ٽالپر کان چمپل ۽ بشرٽ ورتو. اٽڪل پنجين وڳي ڌاري هڪ شخص ماني کڻي آيو، مونکي ڪونه سڃاڻندو هو، اچڻ شرط منهنجو پڇيائين. ۽ ان کانپوءِ هڪ ٿري مانيءَ جي منهنجي حوالي ڪيائين. مون سپاهيءَ کي چيو ته: اسان دوستن کي ٻاهر ڪڍ ته گڏجي ماني کائون. ان کانپوءِ اسان سڀني گڏجي ماني کاڌي. مون انهيءَ شخص کان پڇيو ته هي مهرباني ڪنهن ڪئي آهي، ته هن ڪنهن مهربان جو نالو ٻڌايو ۽ ان کانپوءِ اسانجي لاءِ شطرنج ۽ تاش آڻي ڏنائين. انهيءَ دوست (جنهنجو نالو ڪن سببن ڪري نٿو وٺان) ڪيترائي سگريٽن جا پاڪيٽ ۽ بسڪوٽ آڻي ڏنا.

مون ڪيس پنهنجو وارنٽ ڏٺو ڪيس ٻڌايو ته پنهنجي ساٿي رسول بخش پليجي کي ڏيئي اچي. هن دوست هڪدم رسول بخش پليجي کي پهچايو ۽ سندس سلام مونکي ڏنائين. ڇهن پنجن ڏينهن کانپوءِ اسانکي نارا جيل مان ٽرانسفر ڪيو ويو. ٽرانسفر وقت هڪ عجيب نظارو هو. اسانجي هڪ رفيق نواز علي پٽي چيو ته يوسف پاڻ ته ٺوهه چانديي ڊاڙيل کان وڌيڪ خطرناڪ آهيون! اسانکي هڪ پوليس لاري ۾ چاڙهيو ويو. هر هڪ سيٽ تي، هر هڪ شاگرد ساٿي سان گڏ، چار سي.آءِ.ڊي وارا ويهاريا ويا. لاريءَ جي

ڳالهه ميچٽي پئي ۽ انهيءَ ڳالهه تي صلح ٿيو ته اسان وائس چانسلر کي يونيورسٽي ڪورٽ جي اپيل اخبار ذريعي ڪريون ۽ اسانجي حيدرآباد واپس پهچڻ کان اڳ سڀ شاگرد آزاد هوندا ۽ مهيني کن جي اندر ڪمشنر کي بدلي ڪيو ويندو. آخوند قسم کنيو ته هو پنهنجي وعدي تي قائم رهندو. ۽ اها اسانجي ناپختگي هئي جو اسان سندس وعدي تي اعتبار ڪيو، ۽ اهڙو بيان اخبارن ۾ ڏنو. حالانڪ اسان ڪنهن به حالت ۾ انهيءَ لاءِ تيار نه هئاسين، پر محمد علي هوتي ۽ محمد خان به خاطري ڏني هئي. ان ڪانپوءِ اسان فون تي محمد ميمڻ سان ڳالهايو، جنهن اسانکي انهيءَ بيان ڏيڻ لاءِ چيو، اسان اهڙو بيان شام جو اخبارن کي ڏنو ۽ مطمئن ٿي حيدرآباد واپس ٿياسين. مان جيڪر هتي اهو نه چاڻايان ته زيادتي ٿيندي، ته اسين لاهور ۾ اٺ ڏينهن کن رهياسين، اتي جو سڀ خرچ وغيره منهنجي ساٿي يوسف ٽالپر جي ذمي هو. يوسف ٽالپر چندي جي سخت خلاف هو ۽ مان به انهيءَ کي توهين سمجهي رهيو هوس، انڪري يوسف چيو ته: ادل، منهنجي حصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هزار کن ايڪڙ زمين آهي. جيستائين آها سڄي ختم نه ٿي ويندي، تيسين مان چندو ڪرڻ نه ڏيندس. پئسن جي ڪنهن به وقت کوٽ نه پوندي ۽ مان هر وقت پئسا ڏيندو رهندس. لالا قادر وارن جي ضمانت جون درخواستون، اسانجو ڪراچي وڃڻ ۽ اچڻ، به دفعا لاهور وڃڻ. اهي سڀ خرچ يوسف ٽالپر جي بلهي هئا. ڪورٽ جا خرچ وغيره ته يوسف ٽالپر، محمد ميمڻ کي هر وقت ڏيندو رهيو. مان سمجهان ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ يوسف ٽالپر ڏهه پندرنهن هزار رپيا خرچ ڪيا هوندا ۽ ڪڏهن به منهن ۾ گهنج نه آندائين.

لاهور مان واپس پهتاسين ته هتي خبر پئي ته آخوند پنهنجي وعدي تان ڦري ويو. اسانکي شاگردن اڳيان نهايت ئي شرمندگي ڪڻي پيئي.

نئين وائس چانسلر سان مليا سين، جنهنجو چوڻ هو ته سڪندر عباسي بکيه ملزم آهي ۽ اهو جيستائين گرفتار نه ٿيندو، تيسين

ڪئي ۽ مونکي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مون بچاءُ لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي، جنهن ۾ رحيم سهتو، سڪندر عباسي، عمر پٺي ۽ لالا قادر ۽ مان شامل هئاسين. اسين سڀ گڏ ملڻ لڳاسين. اسان تي ڪئين حملا ٿيا، جنکي اسان پنهنجي همت سان ناڪام بنايو. جنهنجو نتيجو اهو نڪتو، جو ٽيٽيهه کن اردو شر پسند شاگرد زخمي ٿيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وائس چانسلر وٽ اسانجي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سڀ شاگردن جا نمائندا وائس چانسلر جي اڳيان قرآن تي هٿ رکندا ۽ آئينده ڪوبه جهيڙو نه ڪندا. اهڙي طريقي سان صلح ٿيو. ٻئي ڏينهن هڪ لڳي ڏاري مان اڪيلو يونيورسٽي ۾ بيٺو هوس، ته اٽڪل ٽي سؤ کن اُردو شاگرد لٺين، ڇُرن ۽ لوهي سيخن سان مونتي حملو ڪري ڏنو. مون به جواب ۾ بچاءُ ڪيو، منهنجن ڏڪن سان به ٽي شاگرد زخمي ٿي پيا، پر مان شديد زخمي ٿي پيس. مون پنهنجو ڪافي بچاءُ ڪيو، پر بچاءُ منهنجي وس کان ٻاهر هو. انهيءَ وقت اسانجو دوست محمدعلي مرزا به اتي موجود هو، ڪن اردو شاگردن هن تي حملو ڪيو ۽ هنکي به ڇُرا لڳا. مونکي اها خبر نه هئي ته ڪو مون ڪانسواءِ ٻيو به ڪو زخمي ٿيو آهي. مان سڌو سٽي ٿاڻي تي آيس، پر صوبيدار رپورٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽

**اهو سنڌي صوبيدار بي غيرت علي محمد لنڊ هو.**

ان ڪانپوءِ مان سول اسپتال پهتس، ٿوري دير ڪانپوءِ محمدعلي مرزا به پهتو، هو به شديد زخمي هو. اسانکي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون. محترم ڪامل راڄپر جيڪو ان وقت ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هو، اهو ڪجهه شاگرد وٺي آيو ۽ زبردست گوڙ ڪيائين. ان ڪانپوءِ يونيورسٽي جا شاگرد به پهچي ويا. مجبور ٿي اسپتال وارن اسانکي داخلا ڏني. پر ان سان گڏ مان گرفتار به ٿي چڪو هوس. وائس چانسلر ۽ امن ڪاميٽي جا ميمبر مون سان ملڻ لاءِ آيا، پر مون ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو شديد رد عمل نڪتو ۽ سنڌي شاگردن مهاجر شاگردن تي حملا ڪري ڏنا. اٽڪل هڪ سؤ کن مهاجر شاگرد ته رات جو هاسٽل ڇڏي ڀڄي ويا ۽ ڪيترا شاگرد داخلا ڪيرائي ڪراچي يونيورسٽي وڃي پهتا.

ايترو مهربان ٿيندين، جو هي سچو خط سهڻيءَ ۾ ڇپين.

دوست مسعود کي ياد هوندو ته اسان سڀني جي آزاديءَ کانپوءِ جنرل باڊي ميٽنگ، جا رات جو اي ۽ بي بلاڪ جي ڇپر تي ٿي هئي، مون ڇيو هو: ”ادا، ڪتي جهڙي وفادار جانور کي بدنام نه ڪريو، مسرور ته تمام ڪميڻو ماڻهو آهي.“

(مٿيون خط ’جام ساقي‘ ويجهڙائيءَ ۾ ڪوئٽيا مان موڪليو آهي. ۽ اهو پڻ لکيو اٿس ته: اهڙوساڳيو خط هن مونکي ڊسٽرڪٽ جيل ملتان مان ٢٨-٧-٧٢ تي انگريزيءَ ۾ لکي موڪليو هو، پر سندس چوڻ مطابق مون اهو نه ڇپيو. حقيقت ۾ مونکي اهو خط مليو ئي نه هو، جيڪڏهن نه ڇپڻو هجي ها، ته هيءُ خط به نه ڇپبانس ها. سندس اهوچوڻ ته: ’تو (طارق) ۽ (مسعود) نوراني منهنجي جيل ۾ هجڻ جو فائدو ورتو آهي‘ بنهه غلط آهي. مضمون نورانيءَ جو لکيل آهي، سچ يا ڪوڙ لاءِ هو ذميوار آهي، جيڪڏهن هن ڪاڳالهه غلط لکي آهي ته انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙن جو ڪم هو ته اهي صحيح ڳالهه لکي موڪلين ها. جنهن حالت ۾ اهو مضمون ڇپجڻ کان اڳ يوسف لغاري پڙهيو هو، جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهه هئي، ته هنکي نظر اچڻ گهرجي ها. بهرحال جيڪڏهن ڪنهن به اصل حقيقت لکي موڪلي، ته اها سهڻيءَ ۾ ضرور ڇپبي. باقي جام جن ڳالهين جي وضاحت ڪئي آهي، انهن مان شايد ئي ڪا اهڙي ڳالهه هجي جنهنجي وضاحت ٿيڻ ضروري هئي. مان انهيءَ وقت کان جام کي سڃاڻان، جڏهن هو نه شاگرد اڳواڻ هو، ۽ نه ئي سياست ۾ پير پاتو هئائين. منهنجي ساڻس هميشه دوستي رهي آهي، جيتوڻيڪ جام سان منهنجو هميشه کان نظرياتي اختلاف رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي سياست هميشه کان اها آهي ته — فقط سنڌ ۽ سنڌ جو مفاد اسانکي هر شيءِ کان افضل آهي. پر جام سدائين: ’سنڌي مهاجر پائي پائي‘ جو قائل رهيو آهي، تنهڪري ئي اسانجو ساڻس شروع کان اختلاف رهيو آهي. ساقي جوچوڻ هوته: ’هاري ۽ مزور مظلوم آهي، پوءِ اهو سنڌ جو هجي

غلام نبي

# ٤- مارچ ١٩٦٧ع

## ڪجھ حقيقتون

٤- مارچ آئي آهي. دل ۾ به عجيب قسم جي اڻ تڻ ۽ هورا ڪورا پنهنجي انتها کي پهچي ويئي آهي. چاهيان ٿو ته هن ڀيري انهيءَ يادگار ڏينهن تي ڏنل يادگار قربانين متعلق آءٌ به پنهنجي طرفان ٻه ٽي لفظ لکان. مونکي پورو پورو احساس آهي ته آءٌ نه ٿي انهن گهڙين اڻموٽن ۾ شامل هوس، جيڪي ٤- مارچ تي آمريت جي پالتو غنڊن سان سنڌوءَ جي ڪپر تي آمهون سامهون ٿيا ۽ نه ٿي ان مقدس خون ۾ بدقسمتيءَ سان منهنجي رت جو ڪو ڦڙو شامل آهي، جيڪو سنڌي جوڌن ٤- مارچ تي سنڌو درياه کي شاهد بنائيندي ورهين کان اڄايل ۽ اوسائيل هوشو ۽ هيموءَ جي جنم ڌرتيءَ کي نذراني طور پيش ڪيو. تنهن هوندي، انهيءَ تحريڪ سان منهنجون ٻه ڪي يادون، ڪي سوچون ۽ ڪي ڪوششون ضرور وابسته رهيون آهن، جن کي آءٌ ڪڏهن به نه ٿو وساري سگهان، جن کي آءٌ پنهنجي زندگيءَ جو تمام انمول ۽ قيمتي سرمايو تصور ڪمانٿو ۽ مونکي پنهنجي زندگي جي انهن گهڙين تي هميشه فخر رهندو، جيڪي مون انهيءَ تحريڪ ۽ جدوجهد دوران گذاريون آهن.

منهنجي خيال ۾ ٤- مارچ تحريڪ متعلق ڪجهه به لکڻ کان اڳ اهو انتهائي ضروري ٿيندو ته ان مڙس مثير متعلق تمهيد طور ٻه ٽي لفظ لکجن جيڪو انهيءَ تحريڪ جو روح روان ۽ هيرو هو. ۽ اهو آهي **يوسف لغاري**، جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جو صدر هو. انهيءَ تحريڪ جي ڪاميابي ۽ سنڌين جي سجاڳيءَ جو سهرو يوسف جي سر سونهين ٿو، جنهنجي قيادت ۾ سنڌي شاگرد آمريت ۽ افسر شاهي سان ٽڪرايا. هينئر ڀلي ڪير ڪيترين ٻه لافون هڻي ۽ پاڻ کي ميان مٺو سمجهي ۽ چوي ته تحريڪ هن شروع ڪرائي هئي، پر جڏهن ته اها ناقابل ترديد حقيقت

۽ يحيٰ خان جهڙا آمر نہ، پر موجوده حڪومت جا ڪرتا ڌرتا آهن. اها ڪيڏي نہ شرمناڪ حرڪت آهي تہ موجوده حاڪمن ظالمانہ طريقي سان يوسف جي جائز روزگار تي ڌاڙو هڻي بي روزگار ڪري ڇڏيو آهي- هو مير پور خاص ۾ وڪالت ڪندو هو، پر حڪومت کي اها ڳالهہ بہ نہ وڻي ۽ هنجي وڪالت ڪرڻ جو لائيسنس بہ رد ڪري ڇڏيو اٿن. ڇا فقط ان ڪري تہ يوسف موجوده حڪومت جي قدمبوسي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي؟ آخر اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ صدر ڀٽي کي ڪير سمجهائي تہ: سائين، يوسف، جنهن تي اڄ اوهانجي پاپائيت جو عتاب نازل ٿيل آهي، اهو ساڳيو يوسف آهي. جيڪو ايوب جي خلاف شروع ڪيل اوهانجي تحريڪ جي هر اول دستي جو عظيم سپاهي آهي. هيءُ اهوئي يوسف آهي جنهن ايوب جي آمرانہ دؤر ۾، ڀٽي کي سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ جو موقعو ڏنو. (ايوب جي دؤر ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي وزارت تان لاٿو ويو هو، ۽ اهو سخت عتاب هيٺ هو، تہ يوسف لغاري جي پارٽي 'حيدرآباد اسٽوڊنٽ فيڊريشن' کنهن جو کي جيءَ بہ پرواهہ نہ ڪندي ڀٽي جي پنهنجي جلسي جي صدارت لاءِ سڏيو هو.) موجوده حڪمرانن کي ڪير ٻڌائي تہ عوامي تحريڪ دوران جڏهن گهڻو ڪري سڀ شاگرد ليڊر جيل ۾ بند ٿي چڪا هئا ۽ ميدان ۾ ڪو مانجهي مڙس ڪونہ رهيو هو، تڏهن يوسف جيڪو ان وقت لاهور ۾ فرسٽ ڪلاس آفيسر هو سو پنهنجي دوستن جي منع ڪرڻ جي باوجود آفيسري تي لت هڻي، ان تان استعيفيٰ ڏئي انهيءَ مقصد سان اچي انهيءَ ڪارون ۾ شامل ٿيو، جنهن کان هو ڪجهہ وقت لاءِ جدا ٿي ويو هو، تہ تحريڪ جاري رکي سگهجي. اسين ڄاڻون ٿا تہ اڄ يوسف پريشان ضرور آهي، پر هنجي عزم ۾ لرزش نہ آئي آهي نہ ايندي، ڪيڏي نہ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي، تہ يوسف جهڙو عوامي ڪارڪن تہ عتاب هيٺ آهي، پر درمحمد اُستي جهڙا ابن الوقت، موقعہ پرست عوام دشمن، سنڌ دشمن ۽ جماعت اسلامي جا ڇاڙتا وزير آهن. اڄ مير منزل اهي آهن، جيڪي ڪلهہ قافلہ ڪاروان هئا.

هتي اهو واضح ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان، تہ هن موضوع

جي ۽ ٻين سنڌي چوڪرن کي ساڻ ڪري، ڄام گروپ جي سات ڪانسواءِ ڏي، مسرور جي خلاف جنگ شروع ڪري ڏني، پر جڏهن ڄام ڏٺو ته ائين مات ڪرڻ ڪري، هنجو سات شاگردن کان ڪٽجي ويندو ۽ سنڌين جي اکين ۾ ڏٺو تي پوندو ته پوءِ پنهنجي گروپ کي وٺي اچي يوسف جي ڪيڊرايل جلوس ۾ شريڪ ٿيو. پر اتي به ڄام پنهنجون حرڪتون جاري رکيون. مثال طور جيڏيءَ مهل به چوڪرن حسن علي عبدالرحمان متعلق نعرو ٿي هنيو ته ڄام ساقي ٺيڪ انهيءَ وقت پنهنجي گروپ کان ون يونٽ ٽوڙڻ جو نعرو ٿي هڻايو. اهڙيءَ طرح ڄام تمام چالاڪيءَ سان ون يونٽ ٽوڙيو نعري ۽ حسن علي جي بدران هنيل نعرن ۾ سڌو سئون ٽڪراءُ پيدا ڪرائي، سنڌي شاگردن ۾ اختلاف پئيدا ڪرڻ ٿي چاهيو. يوسف، جنهن ڄام سان ڪافي وقت ڪم ڪيو هو، تنهن ڄام جي نيت پروڙي ورتي ۽ ڄام کي اهڙي حرڪت ڪرڻ کان تنبيهه ڪئي، جيتري قدر ڄام گروپ جو مڪمل تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ۽ جيل ۽ ٻين سنڌين سان گڏ وڃڻ جو سوال آهي، ته ان جا ٻه وڏا سبب هئا. هڪ ته مسرور ۽ سندس انتظاميه کي اها پروڙ نه هئي، ته ڄام گروپ ۽ يوسف لغاري گروپ ۾ بنيادي اختلاف آهي، اهو سوچي ته ٻاهر رهڻ سان ڄام انهيءَ تحريڪ کي هٿي ڏيندو، ڄام ۽ سندس سائين کي ٻين سنڌين سان گرفتار ڪرائي، ڄام وارن کي شهيدن جي لسٽ ۾ نالو ڳڻائڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ٻيو ته جيتوڻيڪ وقتي طور تي تحريڪ ڄام جي هٿن مان نڪري چڪي هئي، پر هن همت نه هاري هئي ۽ تحريڪ تي وري قبضي ڪرڻ جون هنجون ڪوششون برابر جاري رهيون. انهيءَ سلسلي ۾ هن ڪراچي ۽ حيدرآباد مان ڪجهه مهاجر شاگردن، جهڙوڪ هدايت حسين، نديم، ڪاشميري وغيره کي امپورٽ ڪري سنڌين جي اڳيان، هنن کان ون يونٽ ٽوڙ نعرا هڻائي، اهو ظاهر ڪرڻ چاهيو، ته سڀ مهاجر هڪ جهڙا نه آهن، پر سڄڻ سوشلسٽ مهاجرن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو. هنن پنهنجي طرفان ۾ اهڙا پمفليٽ ڇپارائي ۽ حيدرآباد جي ڀتين تي به هنيا، جن ۾ مهاجرن کي اپيل ڪيل هئي، ته اِها تحريڪ مهاجرن جي خلاف

نہ آهي، پر فقط ايوب کي هٽائڻ جي متعلق آهن. اهي پمفليٽ هٿينڌي هدايت ۽ ڪاشميري وغيره گرفتار بہ ڪيا ويا ۽ هنن کي مارڪيٽ ڏاڍي تي رات ڪن رکي، ڇڏي ڏنو ويو.

جام پنهنجي خط جي آخر ۾ دعوا ڪئي آهي، تہ هو سچو قومپرست ۽ سنڌ جي ڌرتي جو وفادار سپوت آهي. پر حقيقتون جام جي انهيءَ دعوا کي ڪوڙو ثابت ڪيون ڪن. هو سچو روس نواز ٿي سگهي ٿو، سچو نعپ نواز ٿي سگهي ٿو، پر سچو قومپرست نہ. جڏهن بنگلا ديش ۾ يحيٰ ڏولو ظلم ڪري ٿو، تہ جام انهيءَ ملٽري ايڪشن کي نندي ٿو، پر جڏهن سنڌ ۾ سنڌين جا گهر جلايا وڃن ٿا، سنڌين جي عزتن تي حملا ڪيا وڃن ٿا، تڏهن جام جي وات ۾ خبر نہ آهي چو مڱ پئجي وڃن ٿا. ڇا اهو فقط ان ڪري، تہ سنڌين سان ظلم ڪرڻ ۾ اسلام پسند ملن سان گڏ نعپ جا نام نهاد سوشلسٽ ملان بہ شامل آهن؟ بلڪ ائين ڪٿي چئجي، تہ انهيءَ سڄي پلاٽ جا جوڙيندڙ ئي نعپ جا ابن الوقت مها پرش آهي. ڇا ائين نہ آهي تہ بنگلا ديشن جي باري ۾ جام کي نعپ ۽ روسي آقائن جي رضا حاصل هلي، پر سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن وقت هنکي پنهنجي انهن ساٿين سياسي مرشدن کان اجازت نہ ملي سگهي؟ ڇا جنهن وقت سنڌين سان ظلم ٿي رهيا هئا، ان وقت ۾ يا ان کان پوءِ بہ جام ڪٿي ڪيو؟ ڇا جام جي زبان ڪپجي وئي هئي يا هو بوڙو هو جو سنڌ جون آهون ۽ دانهون سندس ڪنن نہ ٻڌيون. انهيءَ سنڌ دانهون پٺي ڪيون جنهن جام کي جنم ڏنو هو. جام سنڌ لاءِ پنهنجي آقائن کان قوم پرستيءَ جو جيڪو نظريو حاصل ڪري سگهيو آهي، تنهن ۾ ڌارين جي موجودگي جي ملاوت ٿيل آهي. پر فقط جام جي خاطر اسان وري هڪ ڀيرو ڌارين تي ڀروسو نٿا ڪري سگهون. ڌاريان نيٺ ڌاريان آهن- ۽ اهو وقت بہ ثابت ڪري چڪو آهي.

آخر ۾ سهڻي جي وسيلي آءٌ جام کي ڪجهہ گذارشون ڪندس تہ منهنجا دوست، جيڪڏهن تون واقعي سچو قومپرست ۽ سچو سنڌ پرست آهين تہ پو منهنجي هيٺين اٺاريل ٻن سوالن تي پنهنجو واضح موقف اختيار ڪن.

# شعر

وايون
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
وائي
نظم
وائي
نظم
بيت
نظم
نظم
نظم
نظم

شيخ اياز
تنوير عباسي
اِمداد حسيني
اقبال جتوئي
فتاح ملڪ
سرفراز راڄڙ
راز ناڻن شاهي
نسرين جوڻيجو
ماڪ نديم
زيب ڀٽي
پيربخش پياسي
اسلم آزاد
خاڪي جويو
ميرمحمدپيرزادو
ستار
رحيم سهتو
نثار بزمي

## شيخ اياز

# وايون

مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

آرهڙ پنڌ اڳي ڪان آهيڪو آءٌ وڃان جيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

ڪيڏي لنبي وات وڃي ٿي مُنهنجي سُپني ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

آءٌ، وڃڻ جي ويل، نگاهون لهندي پاڇي ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

مُنهنجي وڪ اڳيئي وڌي تُون ٻه چڪ تيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

---

جيت ٻه ڪُتي وڌي سو ڏونگر جو ڏاڪو،
متان هيئون هارِئين!

جيسين روهه رڻون ٽيئي ٽي ڏر (١) ۾ ڏماڪو،
متان هيئون هارِئين!

چمڪي ٿو هو چوٽيئن (٢) تي لُڻ لياڪو،
متان هيئون هارِئين!

شال نه ڏسان ڏينهڙو جو وَسُ ڇڏي واڪو!
متان هيئون هارِئين!

---

(١) ڏر – ڏرتي (٢) چوٽين – چوٽين تي

اونداهي آڌ رات،
ڏونگر مٿان ڏيئڙا.
چڙهندي رهه تون چوٽين ڏک نه ڏسنهنجي ذات!
ورسا جنهن کي پنڌ ۾ پوري ٿي پرڀات!
پٽر جي مارڳ ۾ ڏترين پيو به نه تنهنجي مات!
جيسين آهي جندڙي اُن اُن ۾ پري لات!

---

ميندي رتڙا پرکتا پيرون ڪاسون پير،
لٿو سيج اڳ کن ۾.
کيسين پنگ ڪڙيان (۱) پرين، واهيري جي وير؟
لٿو سيج لڳن ۾.
آس نه ڪوئي آيرو ساهون واري ڏير!
لٿو سيج لڳن ۾.
تون ٿي مارڳ منڌ جو ڪوهيارل، سان ڪير!
لٿو سيج لڳن ۾.

---

(۱) پنگ ڪڙيان - پيرا ڪٽان

هٿين، پيرين، مُونڙين ڪاهُيم تُنهنجي ڪَنڌِ،
سُپنا منهنجي ساه جا!

ڏِينهون پوءِ پَرِي وڃن ڏوران ڏيئي ڏَنڌَ،
سُپنا منهنجي ساه جا!

وِرچي موٽان ماڳ ڪان ايءَ نه منهنجي آڌَ،
سُپنا منهنجي ساه جا!

چوڏارِي ٿو تون چڪين ڪهڙا مُنهنجا وَڌَ!
سُپنا منهنجي ساه جا!
سُپنا منهنجي ساه جا!

---

ڪَهڙي ماٺِ مِيان!

ڳهوريو منهنجو چنڊُڙو!
رَتُ پيو ريلا ڪَري سانوڻ مينهَن جيان؟
دانهون دانهون ديسَ جي ڪنهن کي دانهَن ڏيان؟
روڳي راڳي ڏيهه جا ڪنهن کي ساٿِ نيان؟
سوريءَ مٿان سَچَ سان ني ساٿِ ٿيان!

هي جو هيل لٿو
پرت نه ڏوڻي پاٺيئڙن!

گوندر وير ڳراه سان آئي رت جي ٻوءِ،
هي جو هيل لٿو!

ميرون پيا مات ۾ هٿي هئي سائو!
هي جو هيل لٿو!

ڏاڍا واڍا ڏيهه جا ڏيهه کڙن قابو
هي جو هيل لٿو!

---

آج هو 'آءٌ' 'اسان'،
پنجي ويئي من مان.
هلندو هوس اکيلڙو گوندر وير گسان (1)،
سگهر پنهنجي سات سان گڏجي شال رسان!
وايون ڳائڻي وات تي سانوڻ ساءَ (2) وسان!
مرندي، مارو ويندڙا مارگ منجهه پسان!

---

(1) گسان - گس تان (2) سانوڻ ساءَ - سانوڻ وانگر

پالَ پلائيءِ پائيڙا مَرڪي مُنهنجي ماءِ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

ڪارو گُلُ گُلاب جو توتي گوليءَ گهاءِ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

تارَن رَتيءَ راتِ ۾ مُنهنجو رَتُ تلاءُ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

آنيائيءَ جي آنت سان ٽيندو هيجَ دُگهاءُ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

صدين لاءِ سُگندَ مان ايندو مُنهنجو ساءُ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

ديسُ دَلهايُئہ موتَ سان مُنهنجا باغي پاءُ،
موتُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

---

هي جو گهوٽَ گهگهائيا وِاٿه ڪري ٿي وَسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

پاري سمان پرچي وَيا سوڙها گوندرَ گسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

ڪاري راتِ ڪلالَ جي ڪوني ڪانهي چسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

ڪالهہ پريل ها باهہ سان تارونءَ ڪارَڻِ تَسَ (١)
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

چارَڻَ پارَڻُ پارِڪو ڏي ڪا اُونءَ اتَسَ!
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

---

(١) تَسَ ـ ٽانوَ

ڳُوندَر! سُنهنجي گيتَ سان اهڙي آ ڳَ اُپارِ
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان ـ

ڪارا نيرَ (١) ڪَنڌَ جا چوري چَنگُ پگهار
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان ـ

ڏِسُ هي سارو ساٿِ ۾ ويٺا ڏِنگهرن ڏارَ!
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان ـ

جوتِ آڇهاڻَل جيئَڙا ڪنهن ٻارَڻ سان ٻارِ!
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان ـ

ڪِٿَ نسوري ڪُوڙَ جا ڪيري رَڪَ ٻُهارِ
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان،
ڄَرڪي ڏيهُ ڄَرائَ سان ـ

---

(١) نيرَ ـ زنجير

تنوير عباسي

# اسان پاڻ رهبر

نہ ڏس آسمان ڏي
نہ ڏس آسمان ڏي

ملائڪ نہ لهندا
نبي ڪونہ ايندو

هي دک جو اسان تي
آ نازل ٿيو ان جو
ڪو عيسيٰ اچي ؟
مسيحا نہ ٿيندو

اسانجي ڪلهن تي دکن جا صليب
اسان پاڻ پنهنجا مسيحا
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر
اسان پاڻ رهبر
اسان پاڻ ئي قافلو پاڻ سر واڻ آهيون
اسان پاڻ ئي پنهنجي دردن جو دارون
اسان پاڻ ئي پنهنجو نر واڻ آهيون

اسان پاڻ ئي رات جي رڻ جا راهي
اسان پاڻ آهيون پرهہ جا پيغمبر-
اسان پاڻ رهبر

اِمداد حسيني

# ٤ - مارچ جي ٻئي ڏينهن

چوٿين مارچ تہ هر سال ايندي
هر سال اهو ئي ڏمچر ٿيندو
هرڪو ٻير مان ٻاهر نڪري
ڏڙا هٽي هن ڌرتيءَ جي
ڌُوڙ اُڏائيندو ايندو
جهنڊا جهولائيندو ايندو
بينر ڦڙڪائيندو ايندو
نعرن جي هنبوڇي هوندي
آوازن جي گهمسان اندر
ڪئميرا جي 'ٽيڙڪ' ٻڌڻ لئي
هرڪو پيو ڪَنائيندو
چوڪن تي تقريرون ٿينديون
هرڪو ليڊر ٻڌجي پوندو
'مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون
سنڌڙيءَ ڪارڻ سر ڏينداسين
گهر تڙ پنهنجو گهورينداسين
هوشو هيمون ٿينداسين.'

(٢)

جڏهن غبار جهڪو ٿي ويندو
رات جڏهن ڪاهيندي ايندي
هرڪو پنهنجي ٻير ۾ گهڙندو
جهنڊن جا ڳاڏيلا ٽاهي
بينر جو سليپنگ سوٽ سبائي
روپ ڪونگهرن جو نعرا وٺندا
تقريرن جو وقلو ٿيندو

نوڪرين جا سُندر سپنا
پنهنجو چار پکيڙيندا
(ڪوريئڙي جو چار بہ ڏاڍو
سُندر هوندو آهي سائين)
هرڪنهن کي ننڊ نهوڙي نيندي

(٣)

پنجين مارچ انهيءَ جي آهي
جو بہ خوشامد چاڙي تو
'سٺي سفارش' آڻي تو
چاپلوس جي چاندي آهي
'حاضر سائينءَ' وارن لئي
هرڪا ڪرسي واندي آهي
چوٿين مارچ تہ هر سال ايندي
پنجين مارچ بہ هر سال ايندي

---

اقبال جتوئي

---

## اظهار جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ڏانهن

پوئتي ڇو ٿو ورين
تورڙو اڳيرو آءُ
پلي هوريان هوريان
ننڍڙن پارن جيان
بانبڙا ئي پاءِ
پر اڳيرو، اڳيرو آ.
تنهنجي زخمن جا نشان
شاهد هوندا سيان
۽ ڪونہ چوندو ائين:
پن ڇڻندا ڏسي
ڏاهي وقت سان ياري رکي ڇڏي.

# سدا سنڌ رهندي...

متان ايئن سمجهين اسان آ وساريو
ڪڏهن تو جو ڪنهنجو ڪٿي رت هاريو
اها ئي سنڌو آ، اهو ئي ڪنارو
جتي تو نه سمجهيو، ڦڳڻ آ ڦلاريو
اسانجي انگن کي ڏنا جهير تو ها
انهن مان اسان سڄ نئون آ اپاريو
ڪڏهن تو جي ڪنهنجا اگڻ آ اجاڙيا
انهن ۾ اڇي ڏس اسان ديپ ٻاريو
جتي سنڌ مارڻ تو سمجهي هئي سولي
اتي سنڌ تو کي هميشه لاءِ ماريو
اسانجي آ مڪلي، اسانجي آ ڪينجهر
جتي ماءُ پل پل آ امرت پياريو
اڪي پي ٽيا ۽ اچا پي کي ٽيندا
نه ميدان ٽڪيا نکي ڪو جياريو
سدا سنڌ رهندي آزاد ۽ آباد
اروڙان پڇي اڄ مري ويو آ ڏاريو

## سرفراز راڄڙ — تنهنجي راهه ۾

پيا جهوليندا
رت ۾ لت پت جهنڊا
دنيا ڏسندي،
هستي مستي
جيجل تنهنجي شان مٿان
صدقو ٿيندي.
سڀڪو ڏسندو،
هڪ ڏينهن ايندو،
هرڪو ويندو،
تنهنجي راهه ۾ سر ڏئي.

راز ناڏن شاهي

# چوٿين مارچ

وقت جو واءُ ورائي ويٺو،
تاريخن جا ورق پراڻا،
لال لهوءَ ۾ پنسيل ساڳيا.
ڪالهه به ڌرتيءَ پاتو هو،
ريٽي رنگ جو ويس نڪورو -
اڄ بہ ساڳيو
سڄ چڙهيو آ،
واهڻ واهڻ آيري آيا
ڪات ڪهاڙا،
چانديءَ جهڙا جهرمر ڏاتا.
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين،
منهنجا سائين،
سنڌڙي ماءُ جا ڪوپا ڪونڌر،
سندرا ساهي،
سينا تاڻي،
سنڌوءَ ڪپ تي،
ڏاڍ سان ازلي ويڙهه وڙهڻ لئہ،
سڪ جو سولو واءُ ورڻ لئہ،
متلهه وڙهيا ها،
جنهن ۾ منهنجي پاءُ وڙهي ۽
ڪلندي ڪلندي ڪنڌ ڪپايو،
تو بہ ڏٺو هو،
مون بہ ڏٺو هو،
هن ڌرتيءَ تي،

ڳاڙهو ڳاڙهو جرڪا ڏيندڙ رت نرالو،
جيڪو آدجڳاد ڪان وهندو آيو آهي –
وهندو رهندو –
چاهي منهنجو ياءُ هجي،
يا، چاهي تنهنجو ياءُ هجي،
هن ڌرتيءَ جي آزادي لئه وڙهندو رهندو –
هوشو، هيمو، دولهه دريا،
جهڙو ويس مٿائي ايندو –
ڏاڍ سان ازلي ويڙهه وڙهڻ لئه،
موٽي ايندو –
موٽي ايندو –

## نسرين جوڻيجو

# آزاد نظم

جي سمونڊ جي پاتار مان،
ڳولهي ڪي لعل، سنوارڻ چاهين سنڌ
مُرڪائڻ چاهين جي مهراڻ
جرڪائڻ چاهين جي تون جند
جي تون چاهين وير چڙهي
۽ ٻنهي ڪنارن ڪي ٻوڙي
اندر جي اونهاين مان
لال لهوءَ جا لڙڪ وهاءِ
پنهنجي مٽن ماروئڙن لاءِ
سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن لاءِ
مُرڪي پوندي سنڌ
جرڪي پوندي جند
جي تون چاهين
پر جي چاهين

ملڪ نديم

# وائي

ســاري ٿــوڪي سنڌ ســڏي ٿــو،
يــوسف او يــوسف مارچ مهينو آيو آ.

عباسيءَ جو ڪيڏارو ڪنهن وڏي واڪي ڳايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

شهر شهر جي مسرورن لا اڄ پي ڪڙم ڪنبايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

صدين ڪان هن ديس جي سانگين سکن لئہ واجهايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

ديوانن جي خوابن کي لا ڪنهن نہ سچ بڻايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

ڇوڇو جيءُ ۽ اڳ ۾ ٿيءُ تو ڪڏهن ڪين لنوايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

ساڳي سنڌو ساڳيا سانگي، ڏاڍن ڏيهہ ڏڪايو آ.
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

پار پوڻ جو پہ ڪرڻ لئہ وقت کي منڊ موٽايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.
مارچ مهينو آيو آ.

# ٤- مارچ

سورهيه سپوتن جو هي سُرخو رنگ،
ريت ۾ ريٽو ڄڻ سنڌوءَ جو هو ننگ.

ويريءَ دشمن اڄ وڌو هــو ونگ،
ڄڻ سنڌ سڄيءَ ۾ ڇُڙيو هو ڇنگ.

جوڌن جوٽي هئي اڄ جگري جنگ،
سرخ ٻٽيو هــو سنڌو سارو سنگ.

هي ڌرتي ٿــي جن لئه اڄ تنگ،
لحظي ۾ لهي ويو تن جو زهري زنگ.

مارچ جو معارڪو آهي جن لئه ڏنگ،
خوب خبر پئي ڏسي هي رنگ ۽ ڍنگ.

جاڳيا مانجهي مڙس، شهر هجي يا جهنگ،
حيران عقل ٿيو تن جــو دنگ.

سورهيه سپوتن جو هي سُرخو رنگ،
ريت ۾ ريٽو ڄڻ سنڌوءَ جو هو ننگ.

## پير بخش پياسي

# وائي

ساهه ڏئي سر سنڌڙيءَ خاطر، ڪوندَر ڪنڌ ڪپايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

گهر گهر گهائي گهوٽ وڏءِ چڙھ، ڏونگر ڏيل ڏڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

ماڳ هينئن ماڻي منزل پنهنجي، ڪنهن آ قرب ڪمايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

لاٽ ڏئي جي جوت جَهڪيءَ کي، پنيٽ ٿي ڀڙڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

دودو دريا هوشو هيمون، پي هما ڪين گهٽايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

ڳلي ڳلي اڄ ڳالهه آ تنهنجي، تن تن تند تپايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

محب مٺا واهه مُنهن کي پنهنجي، موريءَ (١) منجهه مَترڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

موت کي منهن ڏئي نيٺ ملهائي، نينهن سان نينهن نڀايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

وار ٿيا ڪيئي ظلم اکيان پر، پنهنجو سِر نه نمايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

رت جي ريٽا 'پياسي' پٽ تي، سنڌوءَ مان وڏايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

---

(١) موري – شهر جو نالو

اسلم آزاد

# چوٿين- مارچ جو پٽڙ *

چوٿين- مارچ جا ڳيرو،
جوڙا،
ڪاٽي آهيو.
اڄ ٻي ساڳيو ڏينهن آ آيو،
اڇو وري اڄ،
رت ۾ ريٽو اجرڪ لهرايو.
انڪي پنهنجو علم بنائي،
ڪنڌ ڪپايو،
ڇو تہ سنڌڙيءَ،
منهنجي جندڙيءَ،
جو ڪاريهر جهڙو ويري،
اهو نشان پٽر پٽي ويو آ،
جت رت وهيو هو،
جت جيئي سنڌ جو علم ڪتو هو.
اڇو وري اڄ،
پنهنجي لال لهوءَ سان،
نئون نشان پٽر چٽي ڇڏيو،
او سنڌ جا ڳيرو جوڙا!

* پٽر سان مراد آهو بورڊ آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد، انهيءَ هنڌ هڻايو هو، جتي ۴ مارچ جي واردات ٿي هئي.

## خاڪي جويو

### ٻيت

موٽي مارچ آئيو، سوڍا لهو سار،
آزاديءَ جي آسري، آهن ٻيڏا ٻار،
ڌرتي ڪريو ڌار، دوکي جي ديوار کان.

موٽي مارچ آئيو، نئين نيائي ساڻ،
اڄ آزاديءَ لئه، هيٺا هڙئي هاڻ،
ڳهيلا ڳوراڻ، لاهيو لاهيو لوهه جي.

لهوءَ ۾ ٽـي ليٽيا، لکن جهڙا لال،
وڙهندي ويڙهه وجود جي، ڀاري ڪنهن ڀنه ڀال،
چال مٿاهون چال، ڏيندا ڏهيس ويا.

لهوءَ ۾ ٽي ليٽيا، سنڌوءَ جا سرواڻ،
آزادي جي عشق جا، اهي ها اهڃاڻ،
رت ۾ رتوچاڻ، وڙهندي ٿيا ويڙهه ۾.

جيڏن جوٽي جنگ، آزاديءَ جي آسري،
سيٺي سات ڌڻيءَ جي، ساٿي ٿيا سنگ،
ڀت ڌڻين هر ڍنگ، ڀڙ ۾ پاڻ ملهائيو.

وڙهندي وڙهندي ويڙهه، لڳ لهوءَ ۾ لوڙيا،
آزاديءَ جي آ اڇي، مانجهين ورتي ميڙهه،
راوت اڪيتي ويڙهه، وکون وڙهندي ريڙهه ۾.

## مير محمد پيرزادو

# ٤- مارچ

منهنجي آيل،
سنڌڙي اڄ آ گهايل گهايل، تايل، نايل،
منهنجي آيل!

منهنجي ماءُ،
ڏارين، پنهنجن جا سٺوَ گهاءَ، هاءِ الا!
منهنجي ماءُ!

تنهنجي لاءِ،
پنهنجن ڪي آ ننڊ اچاءِ، باقي پيا،
ڇا ڪندا!

سچ پچين،
ديس پنهنجي لئه ڪجهه نه ڪرين، پڌي مرين،
بي موت مرين!

مڙس هجين،
مارچ آڏي آ چوٽين، لال لهوءَ سين،
رڻ رڱين!

همت نه هار،
سوپ سنڌي جي اٿئي سار، آڏي يار،
ڍال نه ڍار!

ستار

# چوٿين- مارچ جا جوڏا

آ اڄ توکي سائين،
سيني لايان،
تو سينڌ سنواري سنڌوءَ جي،
اي جوڌا چوٿين مارچ جا.
اڄ ڏينهن وري آ آيو،
چوٿين- مارچ جو.

هي ڏينهن لهوءَ ۾ لت پت آهي،
اڄ ڌي ڌرتيءَ کان اُپ تائين،
رت ۾ ريٽو جهنڊو جهوليو.
جنهن ساري سنڌ سجاڳ ڪئي.
هر سنڌيءَ لئي،
هي ڏينهن مقدس آهي،
جنهن چاڙ ڌني اڄائن کي،
سو ڏانهن سدورو آيو آ،
سو ڏينهن سدورو آيو آ.

رحيم سهتو مجاهد

# نظم

تشدد ستم جي اي خاموش نگري،
سچي سونهن واري اي معصوم سُندري،
ڪٿي قاتي اڄ تون لڳين ٿي گندري،
لڳين سر زمين تون هنوئي ٿي هنگري،
غم ساز دل کي مون ڇيڙيو ٿي نہ آهي.
غم داستان لب تي آيو نہ آهي.

پلاري پيون ٿي انڌيرا هيڏا،
جي خاموش پر ويٺناسين جيڏا،
ستا ظلم اسان سِرَ تي جبلن جيڏا،
هي دور ڪارا تہ ڪربل جهڙا،
زبان بند هر وقت خاموش آهيون.
اسين جهڙا هن جڳ جا انسان ناهيون.

زبان تي بہ تالو چپن تي بہ تالو،
مگر پوءِ بہ عاشق وٽن ٿا هي نالو،
جيئي سنڌ ڳايون هي جاني جمالو،
وطن لاءِ جيئون ٿي 'مجاهد' اُجالو،
اهڙو جذبو ساڻي جاڳايو وطن ۾،
بهارون کي آڻيون وطن ۾ چمن ۾.

